





# گوڙها گوڙها گلَ

(شاعري)

غزل ۽ چؤسٽا

## مور مغيري



ڊجيٽل ايڊيشن :
سنڌ سلامت ڪتاب گهر
سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري.
2018ع

## سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي نئون ڪتاب **”ڳوڙها ڳوڙها ڳل“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب خوبصورت شاعر **مور مغيريءَ“** جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو آهي.

مور مغيريءَ جي شاعري عشق، پيار، محبت ۽ وطن دوستيءَ سان ڀرپور آهي. هن جي شاعري سنڌي ادب جو املهه ميراث آهي. سندس شاعري ادب ۾ پنهنجي الڳ حيثيت والاري ٿي. مورَ جو ادبي سفر ويهن سالن جي وشال عرصي تائين پکڙيو پيو آهي. جنهن ادب جي ميدان تي مسلسل رياضت ڪري، پاڻ مڃايو آهي ۽ پنهنجو الڳ مقام ٺاهيو آهي.

هي ڪتاب **سرسوتي ساهت گهر، ڏوڪري** پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري عيسيٰ ميمڻ جا جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com



40 حق ۽ واسطا شاعر وٽ محفوظ

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | ڳوڙها ڳوڙها ڳَلَ |
| موضوع | : | شاعري |
| ليکڪ | : | مور مغيري |
| ڳاڻيٽو | : | هڪ هزار |
| ڇاپو | : | پهريون، 2018ع. |
| ٽائيٽل | : | مصور منگي |
| ڇپائيندڙ | : | سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري. |

مُلهه : 200 روپيه

Name of Book: **GORHA GORHA GALL**
(Poetry)
Writer : MORE MUGHERI
Quantity : ONE THOUSAND
Edition : First, 2018.
Title : MUSAWAR MANGI
Published by : SARSWATI SAHAT GHAR DOKRI

ڪتاب ملڻ جو هنڌ:

**سنڌ جا سمورا ڪتاب گهر.**

ڪتاب گهرائڻ يا رابطي لاءِ:

مور مغيري، لعلو رائنڪ تعلقو وارهه ضلعو قمبر
Email: moremugheri@gmail.com
Mob: 0313-0336644, 0337-598066
0344-3868088

## ارپنا:

پيار جو پهريون پورهيو
شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور
جي سنڌي شعبي ۾ ايم فل ڪورس ورڪ
وارين خوشگوار گهڙين ۽ خوبصورت يادگيرين
جي نانءُ ڪريان ٿو.

**مور مغيري**



## سٽاءُ:

| | | |
|---|---|---|
| ♦ اداري پاران | عيسيٰ ميمڻ | 05 |
| ♦ مور مغيري: مختصر معلومات: | منير سومرو | 06 |
| ♦ پنهنجي پاران | مور مغيري | 07 |
| ♦ مهاڳ | محمد علي پٺاڻ | 15 |
| ♦ محبتي، ملنسار ۽ سيبتو شاعر | ڊاڪٽر بشير احمد ’شاد‘ | 19 |
| ♦ جديد حسناڪيت وارو شاعر | ڊاڪٽر مشتاق ڦل | 20 |
| ♦ مور مغيري احساس پريو شاعر | امام راشدي | 24 |
| ♦ مهمان نواز شاعر: مور مغيري | ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو | 26 |
| ♦ سنڌ جو سُريلو شاعر | ڊاڪٽر علي اڪبر ’اسير‘ قريشي | 28 |
| ♦ مِٺو مورُ ماڻهو: مورُ مغيري | گل ڪونڌر | 30 |
| ♦ ڳوڙها ڳوڙها ڳل لاءِ ڪجھ آءُ بہ چوان | محمد رفيق مغيري | 32 |

## شاعري:

♦ غزل .............................................. 34
♦ چؤسٽا .............................................. 102

# اداري پاران:

سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري، جو قيام 2012ع ۾ عمل ۾ آيو. هن اداري جو قيام عمل ۾ آڻڻ جا بنيادي طور تي ٻه سبب هئا:

- هڪ اهي اديب، شاعر جيڪي پنهنجو ڪتاب غربت سبب شايع نٿا ڪرائي سگهن ۽ اسان جا وڏا ادارا خانگي توڙي سرڪاري ادارا انهن کي شايع ڪرائڻ ۾ ڪباهت محسوس ڪن ٿا، انهن اديبن ۽ شاعرن جا ڪتاب هن اداري پاران ترجيحي بنيادن تي شايع ڪيا ويندا.
- ٻيو ته نئين نسل جي اڀرندڙ لکارين کي ترجيحي بنيادن تي شايع ڪرائڻ ته جيئن انهن جي حوصلا افزائي ٿي سگهي.

انهيءَ بنياد تي بنا ڪنهن منافعي جي اداري جو سفر جاري آهي. 2012ع کان 2018ع تائين ڇاليهه ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. بنا ڪنهن مالي مفادن جي اسان جو هي سفر جاري آهي. اسان جا هٿ پهريان به صاف هئا ۽ اڄ به هٿ صاف آهن. چاڪاڻ ته اسان جو ڪم منافعو ڪمائڻ نه پر ادب جي خدمت ڪرڻ رهيو آهي.

مور مغيريءَ جو هيءُ ڪتاب "ڳوڙها ڳوڙها ڳل" پهريون ڪتاب آهي. هن جي شاعري عشق، پيار، محبت ۽ وطن دوستيءَ سان ڀرپور آهي. هن جي شاعري سنڌي ادب جو املهه ميراث آهي. سندس شاعري ادب ۾ پنهنجي الڳ حيثيت والاري ٿي. اسان کي فخر آهي ته اڀرندڙ شاعر مور مغيريءَ جي شاعريءَ جو پهريون ڪتاب اسان جي اداري پاران شايع ٿي اوهان تائين پهتو آهي. هن جو ادبي سفر ويهن سالن جي وشال عرصي تائين پکڙيو پيو آهي. جنهن ادب جي ميدان تي مسلسل رياضت ڪري، پاڻ مڃايو آهي ۽ پنهنجو الڳ مقام ٺاهيو آهي. وڌيڪ لاءِ اوهان جي مانائتي موٽ جو اوسيئڙو رهندو.

عيسيٰ ميمڻ


چيئرمين

سرسوتي ساهت گهر، ڏوڪري





## مور مغيري: مختصر معلومات



- نالو: غلام عمر ولد: رئيس عبداللطيف مغيري
- ادبي نالو: مور مغيري
- ڄمڻ جو هنڌ ۽ تاريخ: 13 جنوري 1976ع، ڳوٺ قمبر ڪوٽ مغيري، تعلقو واره
- تعليم: * ايم. اي(سنڌي ۽ پوليٽيڪل سائنس)
  * بي. ايڊ ۽ ايم. ايڊ.
  * ايم. فل (سنڌي ادب).

(عنوان: صوفي سيد رکيل شاهه جي سنڌي شاعريءَ جو فني ۽ فڪري جائزو)

- ڌنڌو: استاد (JST) شهيد زيد اي پٺو گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول وڳڻ.
- ادبي سڃاڻپ: شاعر، ڪالم نويس ۽ محقق
- ايوارڊ: عباسي ڪلهوڙا تنظيم پاران شاعريءَ ۾ خدمتن عيوض "ڊاڪٽر تنوير عباسي ادبي ايوارڊ 2001ع".
- مصروفيتون: تعليمي، ادبي ۽ سماجي خدمتون سرانجام ڏيڻ.
- پسند جون صنفون: غزل ۽ چوسٽو
- ڳايل شاعري: عاشق نظاماڻي، سليم رضا ڪنير ۽ عنايت ميمڻ
- ڇپيل ڪتاب: ڳوڙها ڳوڙها ڳل (شاعري)
- اڻ ڇپيل ڪتاب: 1: اکين ۾ ٿي ويهه (شاعري). 2: منڙي امان (ٻاراڻي شاعري).
  3: قلم چوي ٿو...... (ڪالم). 4: ڏوريون ويئو ڏور (مقالا)
  5: وڏيرو (اسٽيج ڊرامي جي ڪهاڻي)
- پسند جا ڪتاب: قرآن مجيد ۽ شاهه جو رسالو
- پسند جا شاعر: شاهه عبداللطيف ڀٽائي، استاد بخاري، راشد مورائي، غلام حيدر گجو ۽ سنڌ جا سيئي سريلا شاعر.
- پسند جي شخصيت: محبوب شخصيت، جيڪا منهنجي دل جي ڌڙڪن آهي.
- پسند جو گل ۽ خوشبو: گلاب جو گل.
- پسند جو رنگ: بوسڪي.
- پسند جا ڪپڙا: سلوار ۽ قميص
- پسند جا کاڌا: دال، پلي، سرنهن جو ساڳ، چانور ۽ مڇي.
- پسند جو شهر: اباڻو ڳوٺ (قمبر ڪوٽ مغيري)، لاڙڪاڻو خيرپور ميرس ۽ مدينو شريف.
- پسند جو پهر: صبح جو پهر. پسند جي موسم: سيارو ۽ ڦولار جي مند.
- ڏس: ڳوٺ قمبر ڪوٽ مغيري، تعلقو واره، ضلعو قمبر
  موبائيل 03130336644,03337598066

تعارف: منير سومرو

# پنهنجي پاران

شاعري اندر جي احساسن ، اڌمن، امنگن، اميدن ، جذبن ۽ حسين خوابن کي اظهار ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي. شاعري روح جي راحت، صحت ۽ فرحت آهي. شاعري پيار، پنهنجائپ ، عشق ۽ محبت آهي. شاعري امن، ايڪي ، اتحاد ۽ آجپي جي علامت آهي. شاعري سونهن آهي، سچ ، شعور ۽ روشني جي واٽ آهي.شاعري شعور جي اک ۽ درد جو ڳوڙهو آهي. شاعري سرهاڻ، چانڊاڻ ۽ ميناڻ آهي. شاعري، سرتي ۽ ڌرتي آهي. شاعري ڏک ، سک، سڪ، سور، خوشي ۽ غمي به آهي. شاعري ساهه، چاهه ۽ ويساهه آهي شاعري ذهني ولوڙ آهي. دل جي دانهن جي زبان ۽ جگر جو آواز آهي. شاعري جدوجهد جو ڏگ ۽ ڪاميابيءَ جي منزل آهي. شاعري سوچ ۽ شعور جو پڙاڏو ۽ سڏ آهي. شاعري بهار جي ٽڏڙي هيرَ ۽ ڦولار جي مند آهي. شاعري گل ۽ گلزاري آهي. باغ ۽ بهاري آهي. شاعري سونهن جي ساراهه ۽ سماج جي عڪاسي آهي. شاعري ڏات آهي، ڏانءُ آهي. انهيءَ ڪري، شاعري اسانجي دل، ذهن ۽ ساهه ۾ سمايل آهي. پاڻ شاعر آهيون ۽ شاعريءَ سان پنهنجو عشق آهي. پاڻ کي ته شاعري ماڪيءَ جيان مٺي، بهار جي مند کان به پلڙي، گلاب جي گلن کان به خوبصورت، انڊلٺ ۽ پوپٽ جي رنگن کان به پياري لڳندي آهي. چوته شاعريءَ ۾ محبوب جي ساراهه جي سرهاڻ هوندي آهي. معشوق جي گفتن جي هڳساڻ آهي. شاعري غريب جي آواز جي گونجار آهي. شاعري ٻوليءَ جي حفاظت ، ڌرتيءَ جي ديوار ۽ وطن جو ويس آهي انهيءَ ڪري شاعريءَ سان پنهنجو پيچ پيار ۽ محبت آهي ۽ محبت جي اهائي سڳنڌ اسانجي جيون ۾ هڳساڻ آڻي ۽ زندگي کي رنگيني بخشي ٿي.

شاعريءَ جي ڏات ، ننڍپڻ کان منهنجي دل ، ذهن ۽ روح جي رڳن ۾ سمايل رهي آهي. پاڻ جڏهن به اڪيلائيءَ ۾ هوندو هيس ته، سٿون ٺاهيندو





قافيا ملائيندو شاعري ڪندو رهندو هيس. انهيءَ مهل مونکي گيت. غزل، وائي، ڪافي يا ٻين صنفن جي خبر ڪانه هئي. صرف ڪلام ۽ ڏوهيڙي جي معلومات هئي. اهو جلال چانڊيي جي عروج جو دؤر هيو. چوڌاري ڪنن ۾ جلال جو آواز گونجندو هيو.فوزيه سومري جي به ڪجهه مقبوليت هئي، پر جلال چانڊيو چوٽ تي چڙهيل هيو. استاد بخاري، راشد مورائي ميهر فقير غلام حيدر گَجو ۽ عبدالخالق عبد جا ڪلام هر ڪيسٽ جي سونهن هوندا هيا ۽ انهن جي شاعري ماڻهن جي دلين کي جهومائي وجهندي هئي. غلام حيدر گجو جي باري ۾ پوءِ خبر پئي ته ، گجو انتهائي سادو غريب ۽ فقير منش انسان هيو ۽ سندس شاعري ته ڪمال جي هئي، پاڻ شاعريءَ ۾ محبوب کي ميار ڪونه ڏيندو هيو. صرف پاڻ کي قصوروار ڪوٺيندو هيو. انهيءَ وقت ٻهراڙين ۾ ٽيپ کي تمام گهڻو ٻڌو ويندو هيو. ٽيپ هر اوطاق جي سونهن هئي. شوقين ماڻهن وٽ سانيو ٽيپ هوندي هئي. ٽريڪٽرن ۾ جلال جا ڊوڙيا هوندا هيا. پاڻ جلال کي ڏاڍو شوق سان ٻڌندا هياسين ۽ اڄ تائين جلال جو آواز دل کي ڊوڙي ڇڏيندو آهي. جلال سنڌ جو شهنشاهه راڳي آهي. اهڙا راڳي ٻولي ۽ قومن جي زينت هوندا آهن.

مونکي ياد ٿو اچي ته اندازن چوڏهن پندرهن سالن جي عمر ۾ شاعريءَ جي ديوي مون وٽ مهمان ٿي پوءِ مان پنهنجي منهن سان پيو سٿون ٺاهيندو هيس ۽ هميشه اڪيلائيءَ ۾ مال چاريندي، گاهه ڪندي يا ٻنيءَ ۾ گهمندي، پنهنجي ڌن ۾ شاعري ڪندو رهندو هيس. اهڙيءَ طرح شاعري پنهنجي روح جي راحت بڻجڻ لڳي ۽ جڏهن شاعريءَ جي ڏات مون مٿان مهربان ٿي ۽ مان پنهنجن خيالن ۾ گم ٿي ، شاعري ڪرڻ لڳس، ته هڪ ڏينهن بابا سائينءَ منهنجي مامي کي چيو ته “غلام عمر کي جن يا ڀوت جو اثر ٿيو آهي، الائي چريو ٿيو آهي ، جو پنهنجي منهن سان وتي ٿو ڳالهائيندو. ” پوءِ ٻئي پريشانيءَ جي حالت ۾ تڪڙا تڪڙا مون وٽ اچي،

مون کي دلاسا ڏيئي حقيقت معلوم ڪرڻ لڳا. مون مرڪي کين سمجهايو ته ”اوهين پريشان نه ٿيو نه مان چريو آهيان، نڪي مون تي جن ڀوت جو اثر آهي. مان شاعر ٿيو آهيان. تڏهن پنهنجي منهن سان شاعري ڪندو آهيان.“ اهڙيءَ طرح شاعريءَ جي شروعات ٿي ۽ پوءِ شاعري ڏينهون ڏينهن منهنجي مٿان مهربان ٿيڻ لڳي پر انهن ڏينهن ۾ صرف قافيا ملائي پيو سِٽون ٺاهيندو هيس. وڌيڪ شاعريءَ جي صنفن وغيره جي ڪابه خبر ڪونه هئي. اندازن 95_1994ع ۾ اونهاري جي ڏينهن ۾ اوچتو ڪارين ڦهري اکين سان پنهنجي اکين جو ٽڪراءُ ٿيو ۽ انهن ڪجلي اکين جو ٽڪراءُ، يارهن هزار بجلي جي ڪرنٽ جيان دل کي جهٽڪو لڳو. پوءِ ڳوٺ اڳيان پنهنجي زمين جي وڻ هيٺان ويهي، هڪڙو ڪلام ٺاهي، پني تي اتاريم ، جنهن ڪانپوءِ شاعريءَ جي راهه تي ڪجهه اڳيرائي ٿي. انهن ڏينهن کان اڄ تائين دل ڪجلي اکين جي گهايل آهي. ان ڪانپوءِ جڏهن به ڪنهن دڳ، چاري، ڳوٺ يا شهر جي ڪنهن موڙ تي، وڏين ۽ ڪارين اکين واري حسين صورت تي نظر پوندي آهي ته دل سان گڏ سڄي جسم ۾ ڏڪڻي پيدا ٿي ويندي آهي ۽ ايئن محسوس ٿيندو آهي ته ڄاڻ پٽ تي ڪريس. هاڻي وري هلون ٿا شاعريءَ ڏانهن، ته پوءِ جلال چانڊيي ۽ فوزيه سومري جي ڏنن تي ڪلام ٺاهيندو رهيس پر شاعريءَ جي سکيا جو ڏاڍو شوق هيو، جنهن شوق ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ سان ملاقات ڪرائي. ميمڻ صاحب کي الله سائين جنت جون بهارون عطا فرمائي، جنهن رسالن ۽ ڪتابن جي مطالعي جو رستو ڏسيو. جنهن ڪانپوءِ شاعريءَ جي رستي تي ٽڪريون وکون کڻڻ لڳس. ان کان پوءِ سنڌي ادبي سنگت شاخ لاڙڪاڻي جو ميمبر ٿيس، جتي شاعري ٻڌائيندو ۽ ٻڌندو رهيس. جتي پڻ سمجهه ۾ اضافو ٿيو. جنهن دوران رزاق مهر جو اوچتو وڇوڙو ٿيو. جتي ادبي سنگت جي دوستن سان گڏ تعزيت تي ويس، تڏي تي سائين محمد علي پٺاڻ جهڙي مهربان سان ملاقات ٿي. جنهن کان علم عروض جي سکيا ورتم، سائين محمد علي پٺاڻ منهنجا ادبي استاد آهن.





انهن ڏينهن ۾ ”هالار“ ۽ ”ادب“ رسالن جي به معلومات ملي. جيڪي ورتم. ادب رسالو گل ڪونڌر صاحب ڪڍندو هيو ۽ ”هالار“ ڪاوش گروپ طرفان نڪرندو هيو. جنهن جو ايڊيٽر ظفر عباسي صاحب هيو. ٻئي رسالا حيدرآباد مان نڪرندا هيا. ٻنهي ڏانهن شاعري موڪليم. منهنجو پهريون غزل ”هالار“ ۾ ڇپجي آيو. پنهنجي شاعري رسالي ۾ ڇپيل ڏسي، ايتري خوشي ٿي جو مان ڪپڙن ۾ نه پيو ماپان. ان کان پوءِ ”ادب“ رسالي ۾ به غزل ڇپيو. اهڙيءَ طرح هنن ٻنهي رسالن ۾ ماهوار ڇپجڻ لڳس. ”ادب“ اڳتي هلي ”اديب“ بڻيو. پاڻ کي ٻنهي رسالن تمام گهڻي اهميت ڏيئي، اتساهه بخشيو ۽ مون جهڙا سوين ٻانبڙا پائيندڙ شاعر، هنن رسالن جي اتساهه سان جوان بڻيا. گل ڪونڌر صاحب جي رسالي ”اديب“ ۾ ته سوين نوان شاعر شامل هوندا هيا. منهنجي خيال ۾ سنڌ جو هي واحد رسالو هيو، جنهن ۾ سوين ننڍا شاعر، وڏن شاعرن سان گڏ ڇپبا هيا. ننڍا شاعر وڏن شاعرن جي شاعري پڙهي، پنهنجي شاعريءَ کي سنواريندا هيا ۽ وڏا شاعر ننڍين شاعرن جي نالن ۽ شاعريءَ کان واقف ٿيندا هيا. مطلب ته ننڍين ۽ وڏن شاعرن جو پاڻ ۾ قلمي سڃاڻپ وارو رابطو بحال هوندو هيو. افسوس جو اهي ٻئي اتساهه بخشيدڙ رسالا بند ٿي ويا. جن کي پڙهڻ لاءِ مهينو انتظار ڪندا هياسين ۽ جڏهن رسالا هٿن ۾ ايندا هيا ته پنهنجي شاعري پڙهي، بي انداز خوش ٿي، دل ۾ جهمريون هڻندا هياسين. واهه جا ڏينهن هيا جو پورو مهينو ڏينهن ڳڻيندا هياسين ته ڪڏهن ٿا رسالا اچن. ان کان پوءِ اڳتي وڌي نئين زندگي، عبرت مئگزين، سوجهرو، امرتا، ڪاوش فيملي مئگزين ۽ سنڌ جي ٻين به ڪيترن ئي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجڻ لڳس. اهڙيءَ طرح شاعري پنهنجي روح جي راحت، فرحت، دل کي لپائيندڙ ۽ ساهه جي سڪون جو ذريعو بڻجندي رهي. اهڙيءَ ريت زندگيءَ جو گاڏو وقت ۽ حالتن جي حساب سان گڙندو رهيو.

وري جيون جي موڙ تي ويهن، ٻاويهن سالن کانپوءِ، اوچتو عقابي اکين جو ڀيهر اکين سان ٽڪراءُ ٿيو جنهن اٽڪاءَ دل کي بيحد گهرو گهاءُ ڪيو. ڀيريون جهٽڪو يارهن هزار بجلي جي برابر هيو پر هي نوابي اکين جو جهٽڪو ڇاهٺ هزار بجلي جي ڪرنٽ کان به مٿي ٻڌجي لڳو. هن دفعي خماري اکين ۽ سهڻي صورت هوشَ حواسَ خطا ڪري، دل کي اهڙو ته قابو ۾ بند ڪري ڇڏيو جو اٺني پهرن جون سپيئي ساعتون . سندس ياد ۾ گذرن پيون ۽ سندس يادن جي ئي سهاري ساهه کڻان پيو. خوابن خيالن، سوچن ويچارن، ننڊ توڙي جاڳ مطلب ته هر خوشي ۽ غمي سندس ڪاڻ آهي.

سچ اهو آهي ته شاعريءَ جون مون تي تمام گهڻيون مهربانيون رهيون آهن، ڇوته اها شاعري ئي آهي جنهن مونکي سڌيءَ راهه تي آڻي بيهاريو. اها شاعري آهي، جنهن منهنجي . قد ۾ بت آهر سچي سنڌ ۾ سڃاڻپ ڪرائي، اها شاعري آهي، جنهن مونکي ايم.فل ريسرچ اسڪالر بڻايو ۽ انشاءَالله تعالا پي ايڇ ڊي ڪرڻ جو خواب به پورو ٿيندو. ها جي مان شاعر نه هجان هان ته، اڄ شايد ٻئي ڪنهن ماحول ۾ هجان هان. ڇوته پاڻ هاءِ اسڪول جي دور ۾ شرارتي رهياسين ۽ پنهنجي اسڪولي شاگرد دوستن سان ڏاڍو وڙهياسين. (جنهن تي اڄ افسوس آهي) ۽ جيئن ئي بلوغت ۾ پهتس ته، ساڳيون حرڪتون بحال رهيون. پنهنجي دوستي وقت جي ڏنگن ماڻهن سان هئي، جنهن ڪري لچايون به ڪيون سي ته ڏنگايون به ڪيون سين پر وري به الله تعاليٰ مهرباني ڪئي ۽ اها مهرباني شاعريءَ جي وسيلي ٿي. اهڙيءَ طرح هڪ ڏينهن اوچتو دل ۾ خيال جاڳيو ۽ ويهي سوچڻ لڳس ته، پاڻ شاعر ماڻهو آهيون ۽ شاعر ته هميشه سچ لکندا آهن ۽ پنهنجا ڪم ته ڪچا آهن. اهو پنهنجو لکڻ ڪهڙي ڪم جو. پاڻ کي هڪڙي راهه وٺڻي پوندي. ان کانپوءِ الله تعاليٰ جي فضل سان شاعريءَ اسان کان ٻيا پُٺا ڪم ڇڏرايا ۽ پاڻ شاعر، ڪهاڻيڪار، ڪالم نگار جي دنيا گهمندا، اچي تحقيق جي درياهه ۾ لڙاسين. تڏهن ته شاعريءَ سان پنهنجو





عشق آهي، جنهنڪري اڄ پنهنجي منزل ۽ مقصد صرف لکڻ . پڙهڻ ۽ پڙهائڻ آهي.

مونکي تمام گهڻي خوشي آهي. جو منهنجو پهريون شاعريءَ جو ڪتاب ڇپجي اوهان جي هٿن ۾ آيو آهي ۽ انڪري به بيحد خوشي آهي، جو هيءُ ڪتاب مون انهن رنگين ساعتن، انهن دل کي لپائيندڙ لمحن ، انهن سرمئي شامن ۽ ڏانوڻ ڏيندڙ ڏينهن جي نانءُ ڪيو آهي. جيڪي دل جي ڦرهيءَ تي ياد جي سونن لڪيرن سان لکيل آهن. جيڪي خوشيون مليون اهي به ياد آهن، جيڪي ڏک ڏنم ، اهي به لکيل آهن. جن وفائون ڪيون، اهي به اکين اڳيان آهن، جن جفائون ڪيون، اهي به دل منجهه آهن. جن سڄڻن همدرديون ڪيون، انهن جا احسان به ڪونه ڀلائبا ۽ جن سازشون ڪري، پٺيءَ ۾ ڇُرا هنيا، اهي مهربان به ڪونه وسرندا، ڇوته انهن طرفان مليل گهاون جي نشانن سان گڏ، ڦٽ به اڃان چڪن ٿا. مطلب ته هر ڪنهن وٽ ۽ وس آهر، پنهنجي ڪردار سان ڀرپور نڀايو جنهن جو جيڪو ظرف هو، انهن اهو ظرف نڀايو. مان پوءِ به، انهن سڀني جون مهربانيون مڃيندي ، ڪين دعائون ٿو ڪيان ته جتي به هجن، خوش هجن، شاد، آباد ۽ خوشيءَ جي بهارن منجهه هجن. هي شعر به مان انهن مهربانن جي نانءُ ڪيان ٿو.

پٺيءَ ۾ مونکي جن ڪهاڙا هنيا،
انهن لاءَ مونوٽ دعائون آهن.
مغيريءَ جي برباد جنهن دل ڪئي،
انهيءَ لاءِ اڄ ٻي وفائون آهن.

شاعري ٻن قسمن جي ٿيندي آهي. هڪ خيالي، ٻي حقيقي. يا ايئن چئون ته هڪ مطالعي جي بنياد تي ۽ ٻي مشاهدي جي آڌار تي لکبي آهي. اڃان اڳتي وجبو ته هڪ ذهني ۽ ٻي قلبي شاعري ڪوٺي ويندي آهي. قلبي شاعر اڪثر ڪري، الله وارا بزرگ صوفي شاعر ۽ اوشاق سڏبا آهن.

انهيءَ حوالي سان منهنجي هي شاعري گهٽي پاڳي مشاهدي جي بنياد تي ۽ حقيقت جي آڌار تي ڪيل شاعري آهي. شاعري اها بهتر چئبي آهي جيڪا پڙهندڙ کي متاثر ۽ متوجهه ڪري، مطالعي ڪندڙ جي دل ۾ ڪشش پيدا ڪري. منهنجي شاعري پڙهندڙن کي وڻندي يا نه. اها انهن کي خبر هوندي پر مان پنهنجي شاعريءَ مان بلڪل مطمئن آهيان ڇو ته مون جيڪو لکيو آهي، دل جي خلوص ۽ اٿاهه پيار منجهان لکيو آهي ۽ ان لاءِ لکيو آهي جيڪو منهنجي دل، ذهن ۽ سوچ جي سفر کي پنهنجي گرفت ۾ ڪري ويٺو آهي. مونکي اميد آهي، ته منهنجو هي پيار پريو پورهيو سنڌي ادبي محلات جي اندر ڪنهن ڪنڊڙيءَ ۾ جاءِ وٺي، سنڌي ادب جي خدمت جو شرف بخشيندي، تڏهن به مان پنهنجا پاڳ پلارا پائيندس.

مان انتهائي ٿورائتو آهيان، پنهنجي ادبي استاد سائين محمد علي پناڻ جو جنهن منهنجي ڪتاب " ڳوڙها ڳوڙها ڳل " جو مهاڳ لکڻ جي مهرباني ڪئي آهي، سائين ڊاڪٽر بشير احمد شاد جا به وڏا وڙ جنهن سٽن لکڻ جي عنايت ڪئي آهي. سائين ڊاڪٽر ڪمال جامڙي ۽ سائين ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشيءَ جا به احسان آهن جن ڪتاب تي تاثرات لکيا ۽ مان مهربان ، قدردان سائين امام راشدي، ڊاڪٽر مشتاق ڦل جا ڳڻ به ضرور ڳائيندس، جن شاعريءَ تي ويچار ونڊيا. ان ڪانپوءِ معتبر دوستن پروفيسر گل ڪونڌر ۽ محمد رفيق مغيريءَ جا ٿورا به دل سان مڃيان ٿو جن منهنجي ڪتاب تي راءِ ڏني آهي. مونکي ان ڳالهه جي به بيحد خوشي آهي ته منهنجي هن پهرين ڪتاب تي، انهن ماناڻتن ، معتبر شاعرن ۽ اديبن راءِ ڏني آهي، جيڪي پنهنجي پنهنجي شعبن ۾ اسڪالر جو درجو رکن ٿا. جيڪو منهنجي لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي. بهترين دوست عيسيٰ ميمڻ ۽ ساٿس گڏ، سرسُوتي جي سيني سهڪاري دوستن جون





مهربانيون به ضرور مڃبيون، جن هن ڪتاب "ڳوڙها ڳوڙها ڳل" کي ڇپائي، منهنجي هٿن ۾ ڏنو. عيسيٰ ميمڻ ته پروف چيڪ ڪرڻ ۾ به مدد فرمائي. آخر ۾ انهيءَ انمول شخصيت جا احسان، ڳڻ ۽ عنايتون به اڻ ڳڻيون مڃيندس، جنهن پنهنجي پيار جي پالوٽ ڪري منهنجي لاءِ لکڻ جو ماحول ميسر ڪري، مونکي هن ڪتاب جهڙي ناياب سوکڙي ڏني. هن ڪائنات جي خالق الله تعاليٰ جا به ڪروڙين شڪرانا مڃيان ٿو جنهن مونکي لکڻ جي سگهه ۽ حوصلو عطا ڪيو آهي.


مور مغيري

ڳوٺ قمبر ڪوٺ مغيري، تعلقو وارهه

موبائيل نمبر: 03130336644 ـ 03443868088

03337598066

# مهاڳ

شاعري ڪائناتي ڏک جو نوحو آهي. مسلسل وسڪاري ڪانپوءِ اڀ تي نمودار ٿيندڙ انڊلٺي رنگن جو پرتوو آهي. جذبن جي آويءَ ۾ جلندڙ ۽ پڄرندڙ دلين جي دانهن آهي. ڪويل جي پرسوز ڪوڪ آهي. جيڪا الميٖن جي اڪيچار ڪيفيتن مان جنم وٺي، ڪنهن اهڙي دل مٿان ٿي مهربان ٿي ان سان پنهنجي نينهن جو ناتو ڳنڍيندي آهي، جيڪا حياتيءَ جي سفر ۾ ڳوڙهن جي ننڍڙي ڍنڍ ڪي پاڻ ۾ سمائي هلندي آهي. ٻئي جي اهنجن کي پنهنجو ڪري ليکيندي آهي ۽ هر وک جو سفر سورن جي سمر سان ڪندي آهي.

پوءِ جڏهن منٿون ڪري هوءَ ان سورائتي شخص کي پنهنجي سورن جي رنگ ۾ ريٽو ڪري سيخن ماهہُ پڄائي، سِڱڻُ سيڪاريندي آهي، لفظن جا لُنگ ٻڏائي، ڇيريون پارائي، جهومائي، رقص ڪرائيندي آهي، تہ اهو پنهنجي سڃاڻپ ڪنهن باڪمال شاعر طور ڪرائڻ لڳندو آهي ۽ پنهنجي دل جي ڌرتيءَ ۽ سوچ جي آسمان وچ ۾ گهلندڙ هوائن ۾ پنهنجو پر سوز آواز آلاپ جي روپ ۾ شامل ڪري ٻين ڏکويلن جي دلين جي دانهن ٻڌجڻ جو اعزاز بہ حاصل ڪندو آهي، تہ شاعريءَ جي تاريخ جو بہ اڻٽٽ باب ٻڻجي پوندو آهي.

نوجوان شاعر مور مغيريءَ جي شاعريءَ جي ڪتاب جو مطالعو ڪندي احساس ٿيو تہ هو بہ انهن ئي فطري شاعرن جي قافلي جو ساٿاري آهي. جيڪو اندر جي ڪائناتي ڏک جي پرتوي ڪي، پرينءَ جي ڏک سان رلائي، مسلسل واڄا ڪري، اهڙي شاعري سرجي رهيو آهي، جيڪا صدين جي سفر جو تسلسل ٿيندي آهي ۽ جنهن کي "پٽئي پراڻي نہ ٿيڻ جهڙي" يا "ڪلاسڪ" شاعريءَ جو درجو ڏئي، ياد رکڻ فرض سمجهيو ويندو آهي.

"ڳوڙها ڳوڙها ڳل" نالي واري مور مغيريءَ جي هن پهرين شاعريءَ جي مجموعي جي پهرين غزل جي هنن سٽن تي نظر پوڻ سان هو پنهنجي شاعر هئڻ جو تعارف خوب ڪرائي ٿو. ماڻهو ٻيهي رهي ٿو. سوچيندو رهي





ٿو ۽ پاڻمرادو پاڻ ۾ اهي سٽون دهرائي چڻ تہ ڪو خزانو املهہ وَٽُ هٿ اچڻ جو اعلان ڪري ٿو:

پـٽـرن تـوتـي ڪـلـمـا پـڙهـيـا،
چـنـڊ فـدا ٿـيـو ڏار او سـائـيـن.

ساڳئي غزل جي آخري بند ۾ هن جي شاعراڻي سادگي ڪيڏي نہ گهري عميق کي پڙهندڙ جي اڳيان ڪٽي آڻي ٿي بيهاري:

"مـور" اوهـانـجـي آسـري آهـي،
مـور جـو ٻـيـڙو تـار او سـائـيـن.

ٻن ڪنارن وچ ۾ درياهہ جي وهڪري وانگر شاعري بہ ڪڏهن ڏيمي ۽ "هورڙيان هلڻ" تہ ڪڏهن "پر شور" ۽ "تيز هلڻ" جا منظر پئي مٽيندي آهي. مور مغيريءَ جي شاعريءَ جون بہ ڪيئي تصويرون ان ڪسوٽيءَ تي لهنديون نظر اچن ٿيون. هو ڪيفيتن جي اظهار کي هڪ جهڙو نٿو ٻڌائي. درد هن وٽ ڏار ڏار صورتون وٺي ظاهر ٿين ٿا. جيڪي ڪڏهن پرين پيارن ۽ محبوب ماڻهن جا هجن ٿا، تہ ڪڏهن ديس ۽ ڌرتيءَ جا.

وٺي دونـهـاتـجـي ڌرتـي، چـمـن سـاڙي خـزان ڇـڏيـو
خوشي آهـي پـئـي ٿـاٽـي، اوهـانـجـي در تـي آيـا هـون.

وزن بحر جي پورائي ۽ سنڌي ٻوليءَ سان بي انتها لڳاءَ سبب مور مغيريءَ جي شاعريءَ ۾ جنهن سليقي سان لفظ لڙهيءَ ۾ پوئيل لڳن ٿا، ان ئي نموني تجنيس حرفيءَ جي سونهن بہ جا بجا پکڙيل محسوس ٿئي ٿي. گڏوگڏ خيالن کي پنهنجي انداز ۾ پيش ڪرڻ ۽ انهن ۾ روانيءَ واري خوبيءَ کي برقرار رکڻ ۾ بہ هن جون صلاحيتون پنهنجو مَٽُ پاڻ ئي آهن. ڏسو تہ سهي:

دري ڪـولـي هـوائـن ۾، وڪـيـري وار مـڪـڙي تـي،
وري مرڪي تڪڻ تنهنجو، وٺي ڏاڍو ويـو جـانـي.

شاعراڻي ترنگ ۾ اچي مور مغيري هڪ غزل جي بند ۾ بي خوديءَ جي اهڙي عالم ۾ بہ پهچي ٿو جتي پنهنجي ئي سرجيل غزلن، گيتن ۽

دوهن کي عجيب غير روايتي اظهار ۾ محبوب جا اسم ٿو سمجهي ۽ چوي ٿو:

غزل، گيت، دوها صنم ڪاغذن تي،
لکيا جڻ اوهانجا اسم ڪاغذن تي.

عاشق جي فراق ۽ وڇوڙي جي هڪ رات جي ڪربناڪ منظر کي ان جي ڪيفيت سان سلهاڙي هيئن پيش ٿو ڪري ٿو ته:

ڪيئن رات گذري، اڇي چنڊ کان پڇ،
اکين ۾ اوجاڳن ڦٽل ننڊ کان پڇ.

ته سنڌي شاعريءَ سان ويتر پيار جو احساس شديد ٿي وڃي ٿو.

هڪ شعر ۾ وري پاڻ سان خودڪلامي ڪندي سڏ به ٿو ڪري ته ڪيڏي نه شاعراڻي، نازڪ ۽ نفيس:

رڳو "مور" تنهنجي ئي دل ۾ رهي،
چوي دل ٿي اهڙو لکان ڪو غزل.

محبوب جي نهار کي، لوڪ کي کهڻ واري ڪار ڪري ته بيشمار شاعرن پيش ڪيو آهي ۽ ڪوٺيو آهي، پر مور مغيريءَ ان ڳالهه کي نيڻن اندر ڪنهن لڪل "خنجر" سان مشابهه ڪري هڪ نئون خيال پيش ڪيو آهي. جنهن کي پڙهندي ۽ ان جي معنيٰ مفهوم ۾ اونهو لهندي زبان مان امالڪ "واهه... واهه" جا اکر اچارجيو ٿا وڃن.

ها ڏسڻ سان ڪسي لوڪ سارو پوي،
جڻ ڪو "خنجر" پرين تنهنجي نيڻن اندر.

پرينءَ کانسواءِ عاشق لاءِ زندگي ڏينهن هوندي رات جهڙي ٿي پوندي آهي. هن جو سجهندي وارو جياپو صرف پرينءَ جي ڇهري ۾ ئي لڪل هوندو آهي. ان حقيقت کي هن شاعريءَ جي خوبصورت لباس ۾ ڏسو ته ڪيڏي نه انوکي نموني بيان ڪيو آهي:

اوهان کان سوا جيءُ اوندهه ۾ آهي،
سگهو واٽ تي لاٽ ٻارڻ وري اچ.





هن ڪتاب ۾ جيئن ته مور مغيريءَ "غزل" ۽ "چئوسٽن" تي مشتمل ٻن صنفن کي شامل ڪيو آهي. جن سان فني حوالي سان ته هن ڀرپور نياءُ ڪيو آهي، پر فڪري طور به اهڙو گهٽو ڪجهه ڏيڻ ۾ ڪامياب ويو آهي، جيڪو شاعرن جي جهان ۾ ڪيس نرالي سڃاڻپ جو مستحق قرار ڏئي ٿو.

شاعراڻي نازڪ مزاجي، ٻوليءَ جي استعمال جي خوبصورتي، تشبيهن، استعارن ۽ ٻين سينگارن سان مور مغيريءَ پنهنجي هن سفر ۾ منفرد آهي. دعا آهي ته ان ئي جذبي جي اڇل سان هو شاعريءَ سان پنهنجي نينهن جو ناتو نڀائيندو رهندو ۽ هڙهڙي اعليٰ معيار واري شاعري سرجيندي، جهومندي، ڳائيندي چوندو رهندو ته:

پرين اچ ته جيون چمن ٿي پوي،
مني مَنُ خوشيءَ ۾ مگن ٿي پوي،
مغيري سڪل گونچ ساوا ٿين،
پروڪو جي پورو وَچَنُ ٿي پوي.

**محمد علي پٺاڻ**
لاڙڪاڻو

## محبتي، ملنسار ۽ سيبتو شاعر: مور مغيري

ڪجهه شاعر پنهنجي اصلي نالي ڪان وڌيڪ تخلص سان سڃاتا ويندا آهن. مور مغيري به انهن مان هڪ آهي. مور جي حوالي سان ته مان ڪيس وڏي وقت کان سڃاڻان پر غلام عمر جي خبر هينئر پئي اٿم.

مور وڏو محبتي، ملنسار ماڻهو ۽ سيبتو شاعر آهي. شاعر جي حيثيت ۾ ڪافي ڇپيو آهي، سندس غزل توڙي چوسٽا پڙهندڙ جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائين ٿا. هنن سٽن مان سندس شاعري پرکي سگهجي ٿي.

"جواني وئي يار گذري غمن ۾،
اڌورن اميدن خوابن خطن ۾،
عقابي ڪٽي نيڻ گهوري ڏسڻ سان،
اسان کي ويهاري وئين تون دڳن ۾."

"ڳوڙها ڳوڙها ڳل" سندس پهرين مراد آهي. اميد ته مور اها مشق جاري رکندو ۽ ايئن ئي سنڌي ادب جي خدمت ڪندو رهندو.

ڊاڪٽر بشير احمد "شاد"
لاڙڪاڻو.





## جديد حسناڪيت وارو شاعر: مور مغيري

ورڊس ورٿ شاعريءَ متعلق چيو آهي ته:

Over flow of powerful feedings, emotions recollected in tranquility.

طاقتور احساسن،جذبن جي اُٿل پٿل واري پُر سڪون ڪيفيت کي شاعري ٿي چئجي ٿو. جڏهن ته شاعرن بابت شيلي چوي ٿو ته:

Poets are unacknowledged legislators of the world.

ورڊس ورٿ ۽ شيلي سان اتفاق ڪندي، مان سمجهان ٿو ته شاعري خوبصورتي ۽ حسن کي لفظن ذريعي تخليقيت جو ويس پارائي، اجان به وڌيڪ سهڻو ۽ حسين ڪري ٿي ڇڏي. شين کي سمجهڻ، انهن کي نئين رنگ ۽ جدت سان پيش ڪرڻ جو خاص ۽ منفرد ڏانءُ شاعر کان وڌ ڪنهن وٽ ٿي سگهي ٿو. اهو شاعر جيڪو تنهائيءَ کي به سهڻو ڪري، پيش ٿو ڪري، ته ميلي ۾ هوندي، تنها رهڻ جي رنگ کي الڳ نموني سان بيان ڪري، دلين جي ترجماني ٿو ڪري.

توڙي جو شيون اسان جون اڳ ۾ ڏٺل هجن ها، پر شاعري، موسيقي ۽ مصوري انهن شين کي پنهنجي اک سان ڏسڻ جي ۽ سمجهڻ جي قوت ڏيندڙ فطري ڏات آهن. تڏهن ئي چيو ويندو آهي، ته شاعري الهام وانگر آهي. مون ورڊس ورٿ ۽ شيلي کان پنهنجي ڳالهه جي شروعات تڏهن ڪئي، جو منهنجي سامهون سانوري شاعر مور مغيريءَ جي شاعريءَ جو ڪتاب "ڳوڙها ڳوڙها ڳل" پيل آهي. جنهن کي پڙهڻ سان محسوس پيو ٿئي ته، مور ڪيئن نه حسن کي، محبوب کي، محبوب جي هر ادا جي خوبصورتين کي وڏي شد مد ۽ جدت سان وڌيڪ نکاريو ۽ بيان ڪيو آهي. هو چوي پيو:

"نيڻ برسات وانگي وسن ڍوليا،
راهه تنهنجي پيا تا ڏسن ڍوليا.

ڪين فتنا، وڳوڙ ۾ جهيڙا هجن،
پاڻ کي هاڻ گهرجي امن ڏوليا.
ڪاش رونق وري ساڳي موٽي اچي،
شال اوطاقون ڀيهر مچن ڏوليا.“

مون مور مغيريءَ جي هن غزل جي هر بند کي وَر وَر ڏيئي، پڙهيو پئي، ته مونکي محسوس ٿي رهيو هو، ته سنڌ جو هي سهڻو ڪوي، وقت جي هاڻ ۾ لهي پنهنجو پاڻ سان گڏ، ڇڻ ته جڳ سان گفتگو ڪري رهيو هجي. هُن جو ڏوليو هُن جو ته هجي ڇڻ – هُن جو ڏوليو ڪير آ، مکڻ آ، امن آ، پيار آ ۽ وطن آ. جنهن کي هو نئين سر دريافت ڪرڻ ۽ ڳولي لهڻ جي جستجو ڪندي، چنڊ سان، ستارن سان، رات جو پهرين توڙي پوئين پل سان گفتگو ۾ مهو آهي. هونئن به شاعري داخليت کان خارجيت ڏانهن سفر ڪري، وقت جي زبان ٿي، جڏهن ڳالهائڻ شروع ڪري ٿي، تڏهن اها قومن جي سفير وارو اهو ڪم ڪري ٿي، جنهن بابت ئي شيلي چيو ته: ”شاعر هن دنيا جا اڻ اعلانيل قانوندان هوندا آهن.“

موسم جي تبديلي عام ماڻهوءَ تي ڪيترو اثر ڪري ٿو، اهو ڪنهن کان ڳجهو يا لڪل ناهي، پر موسم شاعر جي مزاج، روين ۽ ڪيفيتن کي ڪيئن ٿو تبديل ڪري، اهو شاعر کان وڌيڪ ڪير ٿو سمجهي سگهي. مان طب جو شاگرد آهيان مونکي خبر آهي، ته سخت سيءُ هجي يا شديد گرمي. دوائن جو اثر سرديءَ ۽ گرميءَ مطابق (Temperature) سان سڌو سنئون واسطو رکي ٿو، ته پوءِ آرٽ ڇا ٿي چوي؟ اهو سوال هاڻي سوال ناهي رهيو، جي ايئن هجي هان ته شاعر شام جي پهر يا رات جي پوئين پل کي، شاعراڻي سڪ ۽ دل جي ڇڪ سان مماثلت نه ڏيارن هان. مختلف راڳڻيون مختلف وقتن سان جڙيل نه هجن هان. راڻي کي پوئين پهر ۾ ڳائڻ بدران منجهند جو ڳايو وڃي هان. انڪري موسم جي تبديلي ۽ دل جي ڪيفيت ۽ شاعر جو پاڻ ۾ وڏو ڳانڍاپو آهي. پوءِ اهو شاعر تي آهي ته هن جي دل ڇا





ٿي محسوس ڪري ۽ ان تي ڪهڙي وقت ۾ ڪهڙي ڪيفيت طاري ٿئي ٿي. مون مور جو هڪ غزل پئي پڙهيو، جنهن ۾ هن موسم جي رنگن کي، شاعريءَ جي زبان سان ڪيڏو نه حسين ڪري پيش ڪيو آهي. مور جي اها پيشڪش دل جي تارن کي ڇُهي، سندس تخليقيت جي جهان کي ۽ سندس اظهارپ جي ڏانءَ کي، هڪ وڏي معنيٰ ڏئي، ان ڇوڻ تي مجبور ٿي ڪري ته، مور وٽ ڏات، ڏانءُ ۽ پيشڪش جو هڪ منفرد سليقو آهي، جيڪو ڪيس اعليٰ مقام ڏانهن وٺي وڃڻ جو ذريعو ثابت ٿي رهيو آهي. هو چوي پيو:

قلاري آ موسم اجان تون نه آئين.
ملهاري آ موسم اجان تون نه آئين.
گلن ۾ رنگيني سموري سمائي،
نڪاري آ موسم اجان تون نه آئين.
وري مئڪدي جا اچي ڪول در تون،
خماري آ موسم اجان تون نه آئين.
وري ”مور“ پيئڻ مغيري گهري ٿو،
پياري آ موسم اجان تون نه آئين.

سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورت رنگ، احساسن، جذبن ۽ اُڌمن جي جديد حسناڪيت جهڙو شاعر مور مغيري هر شاعر جيان داخلي توڙي خارجي دردَ سان ٽمٽار شاعري ڪندي، ڪنهن به جاءِ تي ڌرتي ۽ ٻوليءَ سان پيچ ٽوڙيندي نظر نٿو اچي، بلڪ سندس شاعريءَ ۾ وطن جي سڪ، ان سان پيار، ماڻهو ۽ ماڻهپي سان لڳاءُ، ٻوليءَ جي بقا ۽ واڌ ويجهه ۾ شاعريءَ سان گڏ، مان سندس عملي ڪردار جو اکين ڏٺو شاهد آهيان. جڏهن جو ٻوليءَ بابت جدوجهد جي هر سڏ ۾ سڏ ڏئي، ٻولي مشاعرن توڙي مظاهرن ۾ نعرا به هڻندي نظر ايندو رهيو آهي. ۽ ٻوليءَ بابت خوبصورت

شاعري پڙهندي، پنهنجي هجڻ جو ڀرپور احساس ڏياريندو. مور جو هڪ شعر آهي تہ:

سنڌي ٻولي نياري آهي.
مڙني کان موچاري آهي.
جيجل جهولي واري ٻولي،
ٻهڳڻ ۽ ٻاجهاري آهي.
سر، ڌڙ گهر، ذر گهوري ڇڏبو
ساه کان وڌ هي پياري آهي.

۽ ها سچ بہ آهي تہ ماءُ ٻوليءَ لاءِ قرباني جو جذبو ڏيندڙ هي شاعر عمل پسند جيئرو جاڳندو ڪردار آهي. جيڪو ڳالهين جو ڳهير هجڻ بدران، ٻوليءَ جي بقا واري جدوجهد جو هڪ سهڻو رُڪن رهيو آهي. دعا آهي تہ هو پاڻ پڏائڻ وارن ماڻهن کان پاڻ بچائي، اڳتي نڪري اچي، ان جاءَ تي جتي محبت ونڊڻ کانسواءِ ٻي ڳالهہ نہ هجي.

پيار مان

**ڊاڪٽر مشتاق ڦُل**

فيض جو گهر، ڪُنب (خيرپور ميرس)

**

# مور مغيري احساسن پريو شاعر

موجوده دور جي نئين ٽهيءَ جي سيني سنڌي شاعرن ۾ هڪڙوئي مور شاعر آهي. مور مغيريءَ هي پنهنجي نانءَ جيان برابر مور شاعر آهي. چوته هن جي شاعريءَ ۾ مور جي کَنڀن جهڙا سهڻا ۽ مَن مهڻا رنگ سمايل آهن.

شاعر ته سماج لاءِ خير خواه ۽ آئيڊيل سوچ رکندو آهي ۽ معاشري ۾ امن اَمان، ميٺ محبت، پيار پريت ۽ الفت ايڪو چاهيندو آهي. يقينن مور مغيري پنهنجي فهم، فڪر ۽ فن وسيلي خيالن، سوچن ۽ جذبن کي، پنهنجي ذات ۽ ڏانءُ سان جرڪائيندو رهي ٿو. شاعر وٽ شاعريءَ جو پهريون ڏاڪو "پيار" ٿئي ٿو. ان لاءِ ڌرتي ۽ سرتيءَ کي مَحور بڻائيندو آهي. مور مغيري پڻ اهڙي سوچ کي اوليت ڏئي ٿو. سنڌ هن جي محبت جو مرڪز آهي، تنهنڪري شاعريءَ وسيلي محبت کي پنهنجي احساسن جو رنگ ڏئي، معاشري جي سَنوار ڪندو رهيو آهي. مور مغيريءَ جي شاعريءَ جو مجموعو "ڳوڙها ڳوڙها ڳل" سندس سُندر سوچ جو مظهر آهي. سيني صنفن تي دسترس رکندڙ هن شاعر جي احساسن کي هن ڪتاب ۾ پَسي سگهجي ٿو. سندس سوچ سنڌوءَ جي پاڻيءَ جا پَوتر ۽ سنڌ جي مقدس مٽيءَ سان سلهاڙيل آهي. ڌرتيءَ جي اهنجن ۽ ايذائن جو چڱو خاصو احساس رکندڙ هي نوجوان شاعر ڌرتيءَ تي ٿيندڙ ظلم ۽ جبر کي سنڌ جي سُورن واري تناظر ۾ ڏسي ٿو:

ختم ٿي ويو آهي احساس اڄڪلهه،
۽ انسانيت جي پڄاڻي ڏکي ٿي.
مري پيءُ، پٽ جي هٿان اڄ وڃي ٿو
ڪُتل ماءُ ۽ ڪٿ نياڻي ڏکي ٿي.
ڪهاڙي هٿن ۾ ڪلاشن ڪلهي تي،
رڳو اڄ ته رت جي رهاڻي ڏکي ٿي.





لڳن روز ڌاڙا اسانجي حقن کي،
پئي يار سنڌو سياڻي ڏکي ٿي.

مور مغيريءَ جي هنن احساسن کي سمجهي سگهجي ٿو. هيءَ ته سندس سوچن جي هڪ ننڍڙي جهلڪ آهي. هونئن به امن ۽ آشتي، محبت ۽ محنت، عشق ۽ پيار، سک ۽ سلامتي، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ، غربت ۽ بربريت سان گڏ سُونهن سُندرتا، سماج ۽ سياست جهڙن موضوعن تي پڻ قلم هلائڻ جو قائل آهي. مور مغيري نه صرف شاعر آهي، پر سٺو نثر نويس به آهي. ڪهاڻي، ڪالم، تبصرو ۽ تحقيق ۾ طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو، پر شاعري هن سڃاڻپ جو مضبوط حوالو آهي. سندس هي شعري مجموعو سنڌي ادب جي تاريخ ۾ اهم جاءِ والاريندو ۽ اهل ذوق وٽ پڻ مانائتو ثابت ٿيندو. اسانجون دعائون ۽ نيڪ تمنائون ساڻس گڏ آهن.

امام راشدي

(پير جو ڳوٺ ـ نئون ديرو)

# مهمان نواز شاعر: مور مغيري

مور مغيريءَ سان منهنجي ڏيٺ ويٺ هوندئن تہ پراڻي آهي. ڇوتہ هو اسانجي قلم قبيلي جو ڀاتي آهي. اخبارن ۽ رسالن وسيلي سندس لکڻيون ڪجهہ سالن کان پڙهندو رهندو آهيان. ساڻس روبرو ملاقات سچل سائينءَ جي ميلي تي ٿي. جنهن جي مشاعري ۾ هُن جو شعر بہ ٻڌم.

غلام عمر "مورمغيري" طبيعت ۾ مانيٽو . صوفياڻي فڪر وارو ۽ ڪڇهريءَ جو ڪوڏيو ماڻهو آهي. سندس مزاج ۾ نماڻائپ ۽ مهمان نوازي موجود آهي. مان سورهين ڊسمبر 2017ع تي لالورائنڪ ۾ سندس مهمان رهي چڪو آهيان. سندس مهمان نوازي اڄ بہ نئي وسري. ليکڪ جي مزاج، سماج ۽ ماحول جو اثر سندس لکڻين مان نظر ايندو آهي. ساڳيءَ ريت مور مغيريءَ جي لکڻين تي اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مور محبوب جي مهماني سنڌ جي روايتي ڪاڏن سان ڪري ٿو. سندس هيٺيون چوسٽو مثال لاءِ پيش ڪجي ٿو.

پرين اڄ برهہ جي ڪائون بُسري هاڻي،
مکڻ ماکي ۽ پيار جي مصري هاڻي،
مغيري ويون جابجا ٿي بهاريون،
ويا سنگ سارا آهن نسري هاڻي.

برهہ کي، عشق کي، اڪثر شاعرن باهہ سان ڀيٽ ڏني آهي. "باهہ برهہ جي ۽ عشق جا اُلا " عاشقن کي ساڙيندا آهن. پر مور مغيريءَ کي برهہ بُسريءَ وانگر مٺو لڳي ٿو. هو برهہ کي بسري سمجهي ٿو. جيڪو سندس نرالو خيال آهي. مور محبوب سان گڏجي برهہ جي بُسري کائڻ چاهي ٿو. اميد تہ کيس نصيب ٿيندي.

سندس شعري مجموعو "ڳوڙها ڳوڙها ڳل" غزلن ۽ چوسٽن تي ٻڌل آهي. ان ۾ حسن ۽ عشق جو موضوع وڏيڪ آهي. تنهن هوندي بہ هن ڌرتي





۽ ٻوليءَ سان گڏ، سنڌين جي سرواڻ ۽ رهبر شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي بہ ڪونہ وساريو آهي. مور ڀٽائيءَ کي هن ريت ڀيٽا پيش ڪريٿو:

سخن جو شهنشاهہ آهي ڀٽائي.
سڄي سنڌ جو شاهہ آهي ڀٽائي.

مورمغيري پيشي جي لحاظ کان انگريزي ٻوليءَ جو استاد آهي پر ليکڪ سنڌي ٻوليءَ جو آهي. سندس لنئون سنڌي ٻوليءَ سان آهي. هو سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعريءَ سان گڏ ڪالم، ڪهاڻيون ، تحقيقي مضمون ۽ مقالا لکندو رهي ٿو. هن ايم اي سنڌي ان جي ڪري ڪئي، تہ جيئن سنڌيءَ ۾ ايم فل ڪري سگهجي ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب تي تحقيق ڪري سگهجي. تحقيق ڪرڻ لاءِ ايم فل يا پي ايچ ڊي ڪرڻ ضروري تہ ناهي. بنا ڊگريءَ جي بہ تحقيق ڪري سگهجي ٿي. پر پنهنجيءَ تحقيق کي جديد تحقيقي اصولن پٽاندڙ ڪرڻ ۽ معياري بڻائڻ لاءِ ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي ڊگري وڏو ڪردار ادا ڪري ٿي. اهو ئي سبب آهي، تہ مورمغيريءَ سنو ۽ صحيح رستو اختيار ڪيو آهي. هو مٿيون ڊگريون ماڻي تحقيق جا جديد طريقا سکي، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي فائدي لاءِ جاکوڙيندو رهندو.مان کيس هن بهترين ڪتاب "ڳوڙها ڳوڙها ڳل" ڇپجڻ جون واڌايون ڏيان ٿو.

ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
چيئرمين سنڌي شعبو
وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي.

# سنڌ جو سريلو شاعر: مور مغيري

سنڌي ٻولي، شاعريءَ ۾ ٻين ٻولين کان ڏينهون ڏينهن مالا مال ٿيندي رهي ٿي. سنڌي شاعريءَ جي افق تي هزارين ستارا اڀري رهيا آهن، جيڪي پنهنجي شاعريءَ وسيلي سنڌ ۾ روشني پکيڙي رهيا آهن. جن جي شاعري ۾ ماحول ۽ حالتن جي عڪاسي نظر ايندي آهي. اهڙيءَ طرح مور مغيريءَ جي شاعري اندر جو آٿت ۽ روح جي راحت آهي. سندس شاعريءَ ۾ ڪنهن حد تائين نواڻ ۽ نئون رنگ نمايان آهي. مور جي شاعري پنهنجي ٿهيءَ جي شاعرن جي شاعريءَ کان مٿي نه آهي، ته گهٽ به ناهي. هو هڪ بند ۾ چوي ٿو ته:

رڳـي ريـج رت جـو جـوانـي گـهـري ٿـي،
اڇـا ٿـي ويـا وار سـارو فسـانـو.

جواني ڪيئن گهارجي! جواني جي گهارڻ لاءِ به جوانيءَ کي رت جو ريج گهرجي. جيڪڏهن رت نه هوندو ته جواني به نه رهندي، رت جي کوٽ هوندي ته وار به اڇا ٿي وڃن ٿا ۽ ماڻهو پوڙهو جهور ٿي وڃي ٿو. هر هنڌ اهو ئي فسانو آهي، ته جواني وئي، وار اڇا ٿي ويا ۽ پوڙهائپ پڌري ٿي پئي. جڏهن زندگي جو چمن اجڙي وڃي ٿو ته سارو سنسار سجو ٿو لڳي. رڳو سُڃ پئي واڪا ڪري، ان خيال کي مور هن ريت نڀايو آهي.

چـمـن زنـدگـي جـو ويـو آهـي اجـڙي،
سـڃـو چـڻ تـه سـنـسـار سـارو فسـانـو.

محبوب اهڙو جو سواءِ ڏوهه جي ڏوهي بڻائي ڇڏي، اها محبوب جي ئي مرضي آهي، ته ڏوهي بڻائي يا پيار کان محروم ڪري، سندس حسن جي عدالت ئي انوکي آهي. نه داد نه فرياد ۽ نه وري ڪو شاهد جي پڇا ٿئي. سندس هن چوسٽي ۾ اهڙي عڪاسي ملي ٿي.





بنا جرم، مجرم ڇـو معـصـوم ڪـيـو ٿـئي،
پرين پيار کان "مـور" مـحـروم ڪـيـو ٿـئي،
عدالت انوکي هي تنهـنـجي حسـن جي،
نه شاهد، فريادي ڪو معـلـوم ڪـيـو ٿـئي.

مور جي شاعريءَ ۾ ڪٿي ڪٿي فني کوٽ نظر اچي ٿي، ليڪن سندس خيالن ۾ بلڪل گهرائي پسجي ٿي. سندس شاعري ڪيترن ئي شاعرن جي شاعريءَ کان چڱو رنگ ۽ ساءُ سواد ۾ بهتريءَ جو ڏيکاءُ ڏئي ٿي. مور لاءِ ايترو چئي سگهجي ٿو ته، اهو وقت پري ناهي، جو ڪيس سنڌ جي سريلن شاعرن جي قطار ۾ ڳڻيو ويندو. اميد آهي ته مور شاعريءَ جي افق تي جرڪندي نظر ايندو.

**ڊاڪٽر علي اڪبر "اسير" قريشي**
(جوڻاڻي شريف)

**

# مِٺو مورُ ماڻهو... مورُ مُغيري

جيئن هَٿَ لڪيرون، هر ماڻهوءَ جون الڳ الڳ آهن، ايئن ئي هر ماڻهوءَ جو مزاج بہ جدا جدا آهي. دنيا تي ڪروڙين، اربين انسانن جِي آبادي آهي، انهن سڀِن جون پنهنجون سوچون ۽ رَوَيا آهن، سندن اٿڻ ويهڻ ۽ ٻين سان تعلق رکڻ جا طريقا ۽ سليقا بہ پنهنجا پنهنجا آهن. اسان جو مِٺو مورُ ماڻهو. مورُ مغيري، جنهن جَي اصل نالي جِي نسبت، حضرت عمر فاروق سان جُڙيَل آهي، سو ڪيئن نہ بهادر بي باڪ ۽ بي ڊپو هجي. ٺيٺ ٻروچڪن مهاندن وارو هي سڀاجهڙو سنڌي، سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي عشق ۾ ڪيترن سالن کان رنڊا روڙيندو رهيو آهي.

”ماهوار ”ادب“ رسالي جي آغاز کان انجام تائين، مورُ مغيري ان جو لکندڙ پڙهندڙ ۽ لالو رائنڪ لاءِ نمائيندو رهيو. ادب رسالي هزارين نون ۽ پراڻن لکندڙن کي اشاعت جا موقعا فراهم ڪيا. انهن مان مور بہ هڪ آهي. ٻارنهن سالن جي طويل عرصي تائين، بغير وقفي جي شايع ٿيندڙ ادب رسالو ”جون 2006ع“ ۾ بند ٿيو تہ ان جا سوين هزارين لکندڙ غمگين ٿيان پر پوءِ وقت جي وهڪري سان وَهندي، رسالي سميت مون (گل ڪونڌر) کي بہ وساري ويٺا. ادب رسالي ۽ مون سان حقيقي چاهہ رکندڙ ڪجهہ دوستن جو اسرار رهيو تہ ادب رسالي کي وري جاري ڪرڻ گهرجي، انهن چند دوستن ۾ مور مغيريءَ جو نالو سرِ فهرست آهي. مور اڄ بہ مون سان بي انتها محبت ڪري ٿو ساڻس ملاقات، ڪڏهن ڪڏهن ٿئي ٿي، پر جڏهن بہ ملندو ”ادب رسالو“ سندس ڪچهريءَ جو خاص موضوع رهندو.

”صوفي سيد رکيل شاہ جي سنڌي شاعريءَ جو فني ۽ فڪري جائزو“ جي عنوان سان ايم فل لاءِ تحقيقي ٿيسز لکندڙ هي سگهارو نوجوان، اميد آهي تہ ان حوالي سان لاپائتي مواد جي سهيڙ ڪندو جيڪو سنڌي ادب جي دنيا ۾ بهتر واڌارو ثابت ٿيندو. مور مغيري ”جي ايس ٽي“ جونيئر اسڪول ٽيچر آهي، جنهن کي اسان اسڪول پڙهڻ جي وقت





”انگريزي استاد“ چوندا هياسون. ايم فل ڪرڻ کان پوءِ مور مغيريءَ جي منزل پي ايڇ ڊي آهي، ان سان سندس علم ۾ اضافو ٿيندو. لاڳاپيل موضوع بابت ڄاڻ وڌندي ۽ مور مغيريءَ جي تعليمي اهليت وڌڻ ڪري هُو ڪنهن وڏي گريڊ جي لاءِ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحان ۾ ويهڻ جي اهل بہ ٿي ويندو.

مور مغيري هڪ شاعر جي حيثيت سان پاڻ مڃايو آهي، ڊگهي عرصي کان سنڌي ٻوليءَ جي سٺن رسالن، مخزنن ۽ روزاني اخبارن جي ادبي صفحن ۾، سندس شاعري شايع ٿيندي رهي آهي، اڻ ڳڻين مشاعرن ۾ بہ مورَ پنهنجي شاعري پڙهي پاڻ موکيو آهي. مورُ مُغيري سٺو شاعر آهي، سٺو استاد آهي ۽ بهترين انسان آهي، جنهن سان بہ هڪ دفعو مليو سو سندس پيار، مِٺي لهجي ۽ سُٺي سڀاءَ کي وساري نہ سگهندو. دعا آهي تہ اسان جو هيءُ دوست، زندگيءَ جي هر ميدان ۾ ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون ماڻي، آمين.

**پروفيسر گل ڪونڌر**

حيدرآباد.

# ڳوڙها ڳوڙها ڳل" لاءِ ڪجهه آءُ به چوان

اڄ کان اندازن سورنهن سال اڳ جي ڳالهه آهي، جڏهن آئون هالار ڊائجسٽ پڙهندو هيس ۽ هالار سان مونکي سائين عبدالخالق "عبد" متعارف ڪرايو هو. "هالار" مون سائين مورمغيريءَ کي پڙهيو. جڏهن ماڪيءَ جهڙي مٺڙي مور جي شاعري تي تاثرات لکڻ جي موقعي تي، دل باغ بهار ۽ بيحد خوش آهي. انسان جي شعوري سفر ۾ فنون لطيفا جو وڏو مقام آهي ۽ فنون لطيفا ۾ شاعريءَ جو اهم درجو آهي. شاعري شعور جو نالو آهي. شعوري ٻول اهي ماڻهو ٻوليندا آهن، جن جي دل ۾ احساسن ۽ جذبن جو طوفان موجود هوندو آهي. اهڙوئي ۽ احساسن جو طوفان مور جي من ۾ موجزن آهي. تڏهن ته سائين لفظن مان خوبصورت موتين جهڙي مالها جوڙيندو آهي ۽ اهي خوبصورت گلن جهڙا خيال ماڻهن جي دلين جي آڱت ٻڄندا آهن. مور جي من ۾ محبت جي جيڪا تشنگي ۽ سونهن کي پسڻ جي جيڪا تات طلب آهي. اها سيبتن لفظن جي روپ ۾ سامهون ايندو آهي. هو سونهن کي پاڪ پوتر ۽ عبادت سمجهي ٿو. تڏهن ته چوي ٿو:

اوهان جو حسن منهنجي لاءِ عبادت گاهه هڪ آهي،
اکين کي آ ملي ويئي، اها ئي راهه هڪ آهي،
اوهان جي تات تاري آ، زبان تي ذڪر جاري آ،
منهنجي دل جو مٺي توتي پڪو ويساهه هڪ آهي.

حسن وارا هميشه مغرور هوندا آهن پر محبت ڪندڙن جي دل مجبور ۽ ميڻ جهڙي هوندي آهي جيڪا حُسن جي آتش اڳيان پاڻي پاڻي ٿي پوندي آهي، پوءِ هو سورهياڻپ ڇڏي نياز نوڙت ۽ عجز و انڪساري واري واٽ وٺندا آهن. حقيقت ۾ اها ئي واٽ قسام ازل جي واليءَ کي وڻندي آهي، ساڳي ئي واٽ وٺندي مور هڪ هنڌ چئي ٿو:

حُسن تي اوهان کي وڏو نازُ آهي،
ڀلي نازَ ڪر تون، تنهنجو رازُ آهي،





اسين تنهنجا پانها تون آقا اسانجو
اسان وٽ تہ عاجزي ۽ نيازُ آهي.

شاعر معاشري جو ترجمان هوندو آهي. معاشري جا ڏک، سک، خوشيون، غميون، ظلم، زيادتي، ناانصافي، نابرابري ۽ سماجي حالتن کي نظر ۾ رکي، تخليقون سرجيندو آهي. مور جو هي شعر اهڙي عڪاسي ڪري ٿو:

هتي سنڌ جو سور کهڙو لکان مان،
ڏنل خوشين کي پهارو لڳي ٿو.
امن هاڻي رهيو اسان وٽ نہ آهي،
ڪتي بي نہ اهڙو سڏارو لڳي ٿو.

مور مغيري هڪ حساس ۽ سڀاجهڙي شخصيت جو مالڪ، ڪالم نگار ۽ سماج سڌار استاد پڻ آهي. جنهن وٽ نفيس احساسن جو تمام وڏو جهان آهي. هو زنده ضمير ۽ انسانيت جي ڀلائي لاءِ جاکوڙيندڙ شاعر آهي. مور پيار ۽ پاڀوهه جو سبق ڏيندي لکي ٿو:

اسان پيار پالي نپايو آ دل ۾،
اسان لاءِ شيعو نہ ڪوئي سُني آ.

مور مغيري هڪ قدردان انسان ۽ بهترين ڏات ڌڻي آهي. سندس شاعريءَ ۾ پيار پريت جا پيغام، درد، غم ۽ خوشيءَ جو اظهار وڏي واڪي ملي ٿو. مور جي شاعريءَ ۾ تسلسل ۽ رواني آهي. اهوئي سبب آهي جو مور نئين ٽهيءَ ۾ پنهنجي شناخت ۽ نمايان مقام رکندڙ نيارو شاعر آهي. ڌڻيءَ در دعا آهي تہ سندس عزت بلند فرمائي.

**محمد رفيق مغيري**

ياڳ ناڙي، بلوچستان.

**







مالڪ سڀن جو مولا الله تون ئي آهين،
ڪائنات جڳ سڄي کي، روزي بہ تون رَسائين.

حوران، پريون، ملائڪ، جِنَ، ديوَ ۽ بلائون،
وڻ، ٽڻ، پکي، پکڻ سپ، پاڻهي پيو هلائين.

سج، چنڊ، ستارا ۽ هي عرشو فرش بڻايئي،
ڪڪرن منجهان بہ مولا پاڻي پيو وسائين.

جنت اندر بهاري، دوزخ ۾ باهہ ٻاريئي،
والي تون جڳ ڄنهي جو حڪمت بہ تون هلائين.

ڪيڏو وڏو آ نالو تنهنجو منهنجا خدايا،
مخلوق تون سڄي تي قادر ڪريم آهين.

تنهنجو سهارو سائين، مونکي پيو ڪپي ٿو،
مون تي ڪري مهر شل، عزت منهنجي وڌائين.

دنيا جي ڊوڙ ۾ مان، گڏجي گهڻو ويو هان،
اعمال ڪوبہ ناهي، ليڪي ڪان شل بچائين.

ڳڻتي رڳو مغيري هُر ڪُر اها ئي آهي،
محشر ۾ "مور" کي شل محبوب سان ملائين.

اڙين جا آڌار او سائين،
نبين جا پڳدار او سائين!

تنھنجي آمد رنگ رچايا،
يتيمن جا يار او سائين!

حورن تنھنجا سھرا ڳايا،
مرسل مٺيادار او سائين!

رحمت بڻجي آيو آھين،
سھڻا شفادار او سائين!

رب جو تو ۾ راز سمورو
آھين با اختيار او سائين!

چنڊ، ستارن ۾ بہ تنھنجي،
نور سندي جھلڪار او سائين!

پٿرن توتي ڪلما پڙھيا،
چنڊ فِدا ٿيو ڏار او سائين!





عرشن جو تو سير ڪيو آ،
ڪامل قربدار او سائين!

الله تعاليٰ سان ڳڏ تنھنجي،
نالي جي چمڪار او سائين!

توڪان سواءِ ڪونھي سھارو،
واھر ڪر سردر او سائين!

غمن جيون جڪڙي ڇڏيو،
ھاڻي ھي غمَ ٽار او سائين!

"مور" اوھانجي آسري آھي،
مور جو ٻيڙو تار او سائين!

(پي ٽي وي سينٽر ڪراچي ۾
نعتيہ مشاعري ۾ پڙھيل نعتيہ غزل)

اچي واهر اسان جي ڪر، قلندر ڪبريا سائين،
اوهان جي آهيون آڌر، قلندر ڪبريا سائين.

وڏا ٻڙڌڪ مچي ويا هن، سخي سردار سنڌڙيءَ تي،
سڄي ڌرتي ٿي آ ڏمچر، قلندر ڪبريا سائين.

اسين سائل اوهانجي در تي، آيا هون سوالي ٿي،
اسان جا جهول خالي پر، قلندر ڪبريا سائين.

وري محبت جا ميلا ٿين، جهڙالا هو جمالا ٿين،
مَچن اوطاق سپ ٻيهر، قلندر ڪبريا سائين.

اَمن جو سج اُڀاري ڏي، مئل دليون جياري ڏي،
ڪري مهراڻ ڏي ڪينجهر، قلندر ڪبريا سائين.

سگهو پوريون اميدون ڪر، مغيريءَ لاءِ عيدون ڪر،
وٺي وينس اوهانجو در، قلندر ڪبريا سائين.

(حضرت قلندر لعل شهباز جي 762 هين عرس مبارڪ جي
ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيل غزل)





سچل سائين اسين هاڻي، اوهانجي در تي آيا هون،
غمن جي پيڙيو گهاڻي، اوهانجي در تي آيا هون.

مرن ڳيرو پيا ٽا ڏس، اوهانجي ڏيهه ۾ ڏاڍا،
امن آهي ڪٿو ناڻي، اوهانجي دري آيا هون.

وئي دونهاٽجي ڌرتي، چمن ساڙي خزان ڇڏيو،
خوشي آهي پئي ٽاڻي، اوهانجي در تي آيا هون.

سڄي مخلوق ميلي تي، اچي پهتي درازا ۾،
برهه جي باهه جي ڀاڻي، اوهانجي در تي آيا هون.

مغيري "مور" مايوسي ۾ مونجهارا وڪوڙي ويا،
اندر وهمن وڌو واڻي، اوهانجي در تي آيا هون.

(حضرت سچل سرمست جي 194_هين
ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيل غزل)

فسانو تنهنجو چهرو، ڪهاڻي هي سڄڻ اڪيون،
زمانو هيءُ آ منزل، پڄاڻي هي سڄڻ اڪيون.

نگاهن جي نظارن ۾، سڄو منظر سمايل آ،
ستارن، چنڊ جي رنگن جي، راڻي هي سڄڻ اڪيون.

هتي محفل ۾ رنگيني ادائن جي سُرن آندي،
سڪي سنگيت جي سُهڻي، چواڻي هي سڄڻ اڪيون.

سڄي سنسار جي سهڻا اوهانکي آ نظرداري،
تماچي لاءِ ڪينجهر جي مهاڻي هي سڄڻ اڪيون.

هتي هر ويل يادن سان، پيا دل کي ڏتاريون ٿا،
ڏني اڄ يادگيري بي، پراڻي هي سڄڻ اڪيون.

مغيري "مور" جي منزل خمارن ۽ خيالن ۾،
نرالي هٿ ڪٿا جي بي، جواڻي هي سڄڻ اڪيون.



ڳوڙها ڳوڙها ڳل *غزل* (شاعري)

اسانجي اميدن جي پوري ڪهاڻي،
پئي پاڻي اندر نسوري ڪهاڻي.

ڦٽل دل شهر جڻ، حياتي قهر جڻ،
بنا پيار جي آ اڌوري ڪهاڻي.

سپيئي ستارا، سڄڻ چنڊ آهي،
ڪنڊن ۾ گلابي ڪٿوري ڪهاڻي.

زماني جي نظرن نشانو ڪيو آ،
اسانجي اياڻي سموري ڪهاڻي.

پئي دل هميشه سنڌو کي سنياري،
لبن تي آ هر دم سڳوري ڪهاڻي.

مچر، نانگ، ڏينين، وڇن آ ورايو،
پري ويڙا پوپٽ پنيوري ڪهاڻي.

ڇَتون "مور" ڪويل، چڪورن جي ڏرتي،
ڪبر، ڪانئيرن ٿي نڪوري ڪهاڻي.

اشارن ادا سان نهارڻ ڇڏي ڏي،
وڻي واٽ ويندڙ بيهارڻ ڇڏي ڏي.

زمانو سمورو شرابي لڳي ٿو،
اها ديد دلبر اُلارڻ ڇڏي ڏي.

مٽيءَ تي هٿن سان لکي نانءُ دلبر،
وري سو اسم تون ميسارڻ ڇڏي ڏي.

اوهانجي حسن جي ٿي هڳساڻ هر جا.
وري وار چوڙي ورائڻ ڇڏي ڏي.

هزارين اوهانجا آهن يار نوڪر،
هزارن کي هاڻي ڏکائڻ ڇڏي ڏي.

پرين اڄ ڪڪر ٿي اسان تي وسي وڃ،
اسان جي تون دلڙي سڪائڻ ڇڏي ڏي.

پري جام لبڙن جو ڏي "مور" کي تون،
مغيري اسان سان نٽائڻ ڇڏي ڏي.





کلي اکيون کٽي هر هر، نهارن کي پئي ڇيڙين،
نقابن کي هٽائي اڄ، نظارن کي پئي ڇيڙين.

ورائي وار ڇهري تان، پسائي جنهن گهڙي مکڙو،
بسنتي مند خلقي تون، بهارن کي پئي ڇيڙين.

گلابي اڄ گلن ۾ تو، نئين سر تازگي آندي،
وئي هڳساڻ هر جا ٿي، هزارن کي پئي ڇيڙين.

اوهانکي يار ڏسندي اڄ، وڏي لهرن جي مستي وئي،
سکي بيهي سمندر تي، ڪنارن کي پئي ڇيڙين.

پرين تنهنجي ادائن سان، بکن رمجهم جهڙالا ٿا،
ڪري ڏرتيءَ کي بارش تون، ستارن کي پئي ڇيڙين.

اکين سان جام اوتي اڄ، نگاهن سان پيارين ٿي،
پياري اڄ جي محفل ۾، پيارن کي پئي ڇيڙين.

پيالا پُرُ پيارين ٿي، پرين پردي هٽائڻ سان،
وري محفل جي مستي جي، خمارن کي پئي ڇيڙين.

مغيري بي جهڪائي سر، حسن کي آ سلامي ڪئي،
ٿيا تابع هزارين ها، هزارن کي پئي ڇيڙين.

نقابن مان ڏسڻ تنهنجو وڻي ڏاڍو ويو جاني،
حجابن ۾ لڪڻ تنهنجو وڻي ڏاڍو ويو جاني.

اُلارين ٿي مٺي آبرو نهارين ٿي ڪٽي نظرون،
ڪري قيدي ڪهڻ تنهنجو وڻي ڏاڍو ويو جاني.

دري ڪولي هوائن ۾، وکيري وار مکڙي تي،
وري مرڪي تڪڻ تنهنجو وڻي ڏاڍو ويو جاني.

بهارن جي وڏي رونق، گلابن ۾ نئين رنگت،
فضائن ۾ گهمڻ تنهنجو وڻي ڏاڍو ويو جاني.

وڳو ناسي بدن وارو پرين ڪيچل ۾ اوڍڻي پيو
مزاقن ۾ رسڻ تنهنجو وڻي ڏاڍو ويو جاني.

مٺي محفل پري ۾ تو گلن جا هارا پارايا،
اهو ٿورو ڪرڻ تنهنجو وڻي ڏاڍو ويو جاني.

اسان کي تہ اچڻ سان ئي، نوازش ۾ نهوڙي وئين،
مغيري سو ملڻ تنهنجو وڻي ڏاڍو ويو جاني.

(عاشق نظاماڻيءَ جي آواز ۾ ڳايل)





اوهان ساڻ محبت، وطن جي نموني،
جدائي خزان جي، پنن جي نموني.

اوهان ريءَ گلن ۾، رهي ناهي رنگت،
فڪر آ بڻايو ڦٽن جي نموني.

هتي هر ڪوي جي آ، لکڻي اوهان لاءِ،
اوهانجو نظر گهڻ رخن جي نموني.

ڳلن تي نشانا گلابي لبن جا،
اچن ياد منظر گلن جي نموني.

غمن جا تہ گهيرا اندر منجهہ ٿي ويا،
بنا پيار جي دل دفن جي نموني.

ڪيا قول ها تو مٺي مرڪندي جي،
پرين سي تہ پاڙج وچن جي نموني.

مغيري اکين ۾ اوهان لاءِ جايون،
وچايم هي نظرون سحن جي نموني.

اها يار اڪ جي اُلارڻ جي سازش،
پياري لڳي آ پيارڻ جي سازش.

مٿي بند در جي ڪرڻ جي بهاني،
نوابي لڳي آ نهارڻ جي سازش.

ڏنو عيد ڪارڊ هيو عيد تي تو
رهي سائي دل کي ڏتارڻ جي سازش.

مٿي واٽ ويندي هُيم گيت ٺاهيو
ڪئي تو پني تي اُتارڻ جي سازش.

ٻري ڇرڪ ٻوري تو ٻاڪر وڌو هو
ڪيو ياد پٽ تي سمهارڻ جي سازش.

اچان ٿي، اچان ٿي، منٿن ۾ اچان ٿي،
وري سي اکر ڪيو اچارڻ جي سازش.

چئي "مور" ڪاليج ويندي ڏني تو
هئي جيڪا پر مان اٿارڻ جي سازش.





صدائن ۾ ناهي اثر ڪو به جاني،
وفائن ۾ ناهي اثر ڪو به جاني.

لڳي تو زمانو ويو آهي بگڙي،
چتائن ۾ ناهي اثر ڪو به جاني.

زماني جو سارو زهر بي پيئون ٿا،
سزائن ۾ ناهي اثر ڪو به جاني.

حسن جي انوکي خبر جا پڙهي مون،
هڳائن ۾ ناهي اثر ڪو به جاني.

قتل ڪوهه آهي اسانجو فسانو،
ڪٿائن ۾ ناهي اثر ڪو به جاني.

پراڻي ڇڻ اخبار ٻڌجي ويون هن،
ادائن ۾ ناهي اثر ڪو به جاني.

مغيري اوهان لاءِ دعائون به گهريم،
دعائن ۾ ناهي اثر ڪو به جاني.

غزل، گيت، دوها صنم ڪاغذن تي،
لکيا مون اوهانجا اسم ڪاغذن تي.

ڪئي شاعري مون اوهان لاءِ آهي،
اوهان لاءِ نثر ۾ نظم ڪاغذن تي.

ڪيم نانءُ جيون اوهانجي ئي سانئڻ،
اوهان لاءِ ٿيو هي جنم ڪاغذن تي.

پڇي چنڊ ڪان ڏس ٻڌائي ڇڏيندي،
سڄي رات روئي ڏنم ڪاغذن تي.

نڪي ننڊ نيڻن نہ آرام آهي،
اوجاڳن وڌايا وهم ڪاغذن تي.

نڪا يار رنگت بهارن ۾ آهي،
چمن خاڪ سارو ڏنم ڪاغذن تي.

هتي "مور" بيڪل اميدون وياڪل،
سپيئي ستم ٿيا زخم ڪاغذن تي.





اوهان جي اکين مان جواني تکي ٿي،
گلن جي فضا مان حيراني تکي ٿي.

نشو شام تي آ اداسي جو ڇانيل،
وهيءَ مان شفق جي رواني تکي ٿي.

چمڪ سان جهڙالا ٿا آڪاش ڇيڙن،
وسندڙ ڦڙن مان ويراني تکي ٿي.

شهر جي گهٽين ۾ گهمي سندري ٿي،
پٽين جي وٿين مان ديواني تکي ٿي.

ستارن جي جهرمر ٿي اونداهہ ڇيڙي،
گلابي وڳي جي بياني تکي ٿي.

سمندر جي بيباڪ سندر ڪٽا ۾،
ڪناري مٿان ڪا نشاني تکي ٿي.

صدين ڪان اڱڻ جو پيو ٿو سنواري،
مٿي "مور" جي ميزباني تکي ٿي.

(عاشق نظامانيءَ جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل)

ڪيئن رات گذري، اڇي چنڊ ڪان پڇ،
اکين ۾ اوجاڳن ڦٽل ننڊ ڪان پڇ.

ڪري نير نالا ڳَلن تي وهن ٿا،
رِلن جي مٿان جڻ لڳو ڪنڊ ڪان پڇ.

خوابن جا منظر ٿي سڏڪا ويا هن،
مٿي هر گهٽي جي اڇي ڪنڊ ڪان پڇ.

ضرب تو اسان جي ڪئي زندگي آ،
خيالن جي ڪٽ ـ جوڙ ۾ ونڊ ڪان پڇ.

اجاڙي ڇڏي آهي اڏمن جواني،
جدائيءَ جي جانب اڇي جنڊ ڪان پڇ.

پيالن ۾ ديوانگي پئي لڳي ٿي،
مڪڻ "مور" مصري اڇي ڪنڊ ڪان پڇ.





رات ٻي ياد جا ولولا جاڳيا،
درد تنهنجا وري دادلا جاڳيا.

درد دل جي اندر گهر ڪري ويا جڏهن،
آس جا آسرا ٻي دلا جاڳيا.

چاهه جي راهه تي گامزن ٿي پيس،
منزلن تي رڳو مسئلا جاڳيا.

ساهه آ سانوري سار جي سير ۾،
سور ۽ پور جا سلسلا جاڳيا.

ٻاڪرن ۾ ٻچي چوڙين جو پوڻ،
ڪيچلن جا تہ پو مرحلا جاڳيا.

پوپري پيار ۾ گهيتلي ٿي وئي،
ماٺڙي مرڪ سان معاملا جاڳيا.

سندري تو سوا سور ۽ شاعري،
گيت ۽ غزل ٿي پرجهلا جاڳيا.

ياد جي لام ۾ ٻيوسي ٿي لڏي،
زندگيءَ ۾ رڳو زلزلا جاڳيا.

جنگ آ، جنگ آ، پاڻي لئہ جنگ آ،
ديس لئہ ديس جا روپلا جاڳيا.

سنڌ جي سينڌ جو "مور" آ مامرو،
هوش ۽ جوش سان حوصلا جاڳيا.

اسان ياد تنهنجي ڀُلائي نہ آهي،
اوهان ريءَ رنگت رچائي نہ آهي.

اسان ڳالهہ دل جي لڪائي ڪٿي آ،
اڪين آ ٻُڏائي ڇُپائي نہ آهي.

بنا بادلن جي وسي وڏڦڙو ٿو
اسان مند مرڪي ملهائي نہ آهي.

اچانڪ اچي يار طوفان ڪڙڪيو
ڪناري تي ڪشتي پُڄائي نہ آهي.

ٻرڻ ڪان اڳيئي ٻري ير وياهون،
اڃان دل جي ٻيڙي دڪائي نہ آهي.

رڳو چرس، بوتل ۽ آفيم، ڏوڏي،
اڃان بي نشي سان نڀائي نہ آهي.

اميدن جا پوپٽ دلين تي ڦرن ٿا،
اسان سيج ساڃن سجائي نہ آهي.

اوهانجي شهر ۾ لڳون اوپرا ٿا،
سويري ملي جا سوائي نہ آهي.





حقيقت نگاري هجي ڪاغذن تي،
ڪتابن ۾ اهڙي لڪائي نہ آهي.

پياسي نگاهن جي ڳولا پيالو
شرابي نظر تو ملائي نہ آهي.

وڪر واپرايو اسان بيوسيءَ جو
صرافن ۾ هاڻي سچائي نہ آهي.

زمانو ويو هيٺ ۽ ٿي مٿي هت،
اڏوري سنوت ٿي سڌائي نہ آهي.

اجايو اسان ڪان رُسي لوڪ ويو آ،
اسان راڄ جي دل رنجائي نہ آهي.

اٿو سنڌ واسي خبردار جاڳو
پراون ۾ هاڻي سچائي نہ آهي.

سڪي سنڌڙي "مور" ساري وڃي ٿي،
اسان ماءُ جي لڄ بچائي نہ آهي.

مٺي وارَ ڪولي ٿي مُکَ تي ورائي،
جهڙالي جي موسم پئي گيت ڳائي.

ويو چنڊ ٻڌجي تماشو هتي آ،
گُجر پئي گلابي گلن کي پلائي.

اماسي ۾ پئجي وڃن سارا منظر،
ٿئي سوجهرو تو نظر تي ورائي.

اوهان ريءَ يادن جا بيباڪ منظر،
جواني ڇڏن ٿا اسانجي جلائي.

نظر ناز سان جو نماڻي ڪٽي ٿي،
ڪروڙين ڪري قيد قيدي ڳُهائي.

سوين ساز ڇڙيا ڇپن جي ڇرڻ سان،
گلن ۾ وئي هوءَ رنگت رچائي.

سکي شام ڏاران لڏي لام تي پئي،
ستارن جي جهرمر غزل پئي لکائي.

هتي "مور" هڳساڻ هرجا وئي تي،
مغيري بهاري وئي آ وڏائي.

(عاشق نظاماڻي جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل)





اوهان جو فسانو ادارو لڳي ٿو
زماني جو سندر نظارو لڳي ٿو.

ڦٽي باک دلبر اوهانجي نظر سان،
مٺي ڄڻ گلن کي ڦهارو لڳي ٿو.

ڏنم يار وارن جي چوٽيءَ جي رنگت،
سکي سوئي منظر پيارو لڳي ٿو.

اوهانجي خيالن جا بادل گجن ٿا،
اسان لاءِ سو ڄڻ سهارو لڳي ٿو.

فضا ۾ صدائن جا آواز گونجن،
سڄڻ نينهن جو سو نغارو لڳي ٿو.

اوهان کان بنا بور ساري حياتي،
چمن ڄڻ جيون جو اڏارو لڳي ٿو.

هتي سنڌ جو سور ڪهڙو لکان مان؟
ڏنل خوشين کي ٻهارو لڳي ٿو.

امن هاڻ رهيو اسان وٽ نه آهي،
ڪٿي بي نه اهڙو سڏارو لڳي ٿو.

اوهانجي ڪيم نانءِ دل جون ڏوارون،
شهر "مور" دل جو خسارو لڳي ٿو.

كناري مٿان راڄ راڻي ڏكي ٿي،
سمندر جي سندر كهاڻي ڏكي ٿي.

وڳو ريشمي يار جي آ بدن تي،
وزن تي غزل جي وراڻي ڏكي ٿي.

سكي وار سج تي پئي ٿي سُكائي،
اها ريت بي اڄ پراڻي ڏكي ٿي.

غزل، گيت، دوها كوي پيو لكي ٿو
سڄي شاعري بي اگهاڻي، ڏكي ٿي.

ختم ٿي ويو آهي احساس اڄكلهہ،
۽ انسانيت جي پڄاڻي ڏكي ٿي.

مري پيءُ، پٽ جي هٿان اڄ وڃي ٿو
كٺل ماءُ ۽ كٺ نياڻي ڏكي ٿي.

كهاڙي هٿن ۾ كلاشن كلهي تي،
رڳو اڄ تہ رت جي رهاڻي ڏكي ٿي.

لڳن روز ڏاڙا اسانجي حقن كي،
پئي يار سنڌو سياڻي ڏكي ٿي.

اٿو جوان جوڌا، ٿيو هوشو دودا،
وري "مور" ساڳي كهاڻي ڏكي ٿي.





ستارن ڳڻيندي سڄي رات گذري،
ڦٽي باک پورن ۾ پرڀات گذري.

ڳلن تان ڳڙي پيا لكين لڙك لارون،
برهہ جي بدن تي تہ برسات گذري.

كٿي ٿا وساري سگهون يار يادون،
حجت ۾ هٿن جي، جا حركات گذري.

قيامت، قبر ۽ حشر يار آهي،
سدا ساهہ كي سار سكرات گذري.

وفا جي وطن تي، جفا ۽ جدائي،
ستم، سور، صدمن جي شروعات گذري.

خيالن كي اوتي پني تي نہ سگهبو،
خوابن جي اهڙي تہ خيرات گذري.

مٺي "مور" كي مڙ ملن روز مهڻا،
مغيري عذابن ۾ اڌرات گذري.

حياتيءَ جو لاچار سارو فسانو
پراڻي ڪا اخبار سارو فسانو.

رڳي ريج رت جو جواني گهري ٿي،
اچا ٿي ويا وار سارو فسانو.

بدن بيوسي جي سزا ويٺو ڀوڳي،
برهہ ڪيڙو بيمار سارو فسانو.

سوين هٿ سورن جا پيا سنگ نِسرن ،
وڏي ويڙا ويچار سارو فسانو.

پرين پوپٽن سان پٽي راند ڪيڏي،
گلن جو تہ گلزار سارو فسانو.

چمن زندگي جو ويو آهي اجڙي،
سجو چڻ تہ سنسار سارو فسانو.

خزان "مور" ساڙي خوابن کي ڇڏيو
بهارن جو بيڪار سارو فسانو.





جواني وئي يار گذري غمن ۾،
اڌورن اميدن خوابن خطن ۾.

رڳو درد ديرا ڄمائي ويا هن،
ڏُلاري ڏکي دل ڏوراپن ڏکن ۾.

برهہ جو بتيلو بحر ۾ پڇايم،
اها بي وچي يار اٽڪي ڳُنن ۾.

فڪر ۾ فسانو پيو يار ڦٽجي،
ڪماڻي پئي آ ٿهر جي قصن ۾.

سدا ساهہ کي سار سڪرات آهي،
ڇڏي تون وئين ڇو؟ وڇوڙن وڏن ۾.

ڪري قول جيڪي وفا جا وئين تون،
پرين پهچ هاڻي وچن جي وطن ۾.

چلڻ ساڻ چاتي ڪفن تي ڍڪائي،
اسانکي دفن تون ڪري ڇڏ قُبن ۾.

عقابي ڪٽي نيڻ گهوري ڏسڻ سان،
اسان کي ويهاري وئين تون دڳن ۾.

مغيري، پري پاڻ ڪان ڇو ڪرين ٿي؟
او پوري پري وجهہ ڪو پاڪر بدن ۾.

ڪلي اک ڪٽي جو ٻڪائي ڇڏين ٿي،
قسم ساڻ قيدي ڪڪائي ڇڏين ٿي.
لبن جي نٽي لار وسري اسان کان،
چمڙ ساڻ ماکي چکائي ڇڏين ٿي.
سنواري جڏهن وار سهٽي ڏسين ٿي،
ته دنيا اسان کان ڀلائي ڇڏين ٿي.
لڪن کان مٿي لوڏ تنهنجي لهي ٿي،
اسانجي ته دل تون وڏائي ڇڏين ٿي.
چوان مان ڇا؟ چقمق يا تو ۾ آ جادو
جهٽي دل لُٽي پو ڪٽائي ڇڏين ٿي.
حسن تنهنجي موهي هزارين وڏا هن،
دلين کي ته ڏاڙا لڳائي ڇڏين ٿي.
سڄي رات سپنن ۾ ڇا لاءِ ٿي ڇيڙين،
اها بي نه حرڪت گهٽائي ڇڏين ٿي.
مٺي مرڪ ۾ ٿئي موسيقي سمايل،
سکي تون ته سارنگ وڄائي ڇڏين ٿي.
گلابي وڳي ۾ پرين تون پرس سان،
سڄي سنڌ ڌرتي سجائي ڇڏين ٿي.
ڪچڙ جي هٽي "مور"ڪنهن کي مجال آ،
مغيري سياڻا ستائي ڇڏين ٿي.





اسان جي اکين جي هي آلاڻ سهٽي،
اوهانجي حسن جي آ واکاڻ سهٽي.
اُجهامي ويو دل جو ڏيئو هتي آ،
ڏسي ڪشمڪش ۾ هي ڇڪتاڻ سهٽي.
اوهانجي ڳلن جي رنگت جي فضا ۾،
ڀٽائيءَ جي ڌرتي جي سرهاڻ سهٽي.
اوهان جا چڪائي لبن جي سوائي،
هئي ماکي کان وڌ سا ميٺاڻ سهٽي.
جڏهن چنڊ جوين جواني تو ماٽي،
اچي ياد تنهنجي ٿي چانڊاڻ سهٽي.
سڄي ڳوٺ ۾ هو هوا ٿي وئي آ،
اوهانجي اچڻ سان ٿي هڳساڻ سهٽي.
جڏهن کان مغيري اوهانجو سڏايم،
تڏهن "مور" پهري هي پهراڻ سهٽي.

گواهي ستارن سين ڪان پڇي ڏس،
رنم رات ساري اکين ڪان پڇي ڏس.

وئي ننڊ آهي ڪري يار موڪل،
لڇان ۽ پڇان ٿو غمن ڪان پڇي ڏس.

بهاري ختم ٿي بسنتي فضا مان،
اميدن جي سندر چمن ڪان پڇي ڏس.

اسان روح سان چاهيو آهي توکي،
اڇي دل جي دلبر سحن ڪان پڇي ڏس.

اوهان لاءِ سوچون ۽ ويچار سارا،
پلي تون اسانجي ذهن ڪان پڇي ڏس.

سوا تو اسان لاءِ جهولا، لُڪُون هن،
چٽي گل ويا هن گلن ڪان پڇي ڏس.

هتي "مور" بيمار بڻجي ويو آ،
مغيري طبيبن، تپن ڪان پڇي ڏس.





چوان ٿو تہ توتي لکان ڪو غزل،
جنم ڏڻ تي توڏي مُنجان ڪو غزل.

لکي ڊائريءَ تي چڏين اي پرين،
سکي شال اهڙو هجان ڪو غزل.

ٺهي توکي ڳل تي جو تر يار ٿو
يا اک ۾ ڪجل ٿي پوان ڪو غزل.

بکل يار چوٽيءَ جو جيڪر ٿيان،
يا لالي لبن جي ٿيان ڪو غزل.

چوڙ سان سازن کي ڇيڙي ڇڏي،
اهڙو يار ڳائي وجهان ڪو غزل.

گلن ساڻ تشبيهہ توکي ڏيان،
ليي شال جيڪر ڪٿان ڪو غزل.

فڪر ۽ وزن ساڻ سرجي وڃي،
بحر تي مان اهڙو سڪان ڪو غزل.

رڳو "مور" تنهنجي ئي دل ۾ رهي،
چوي دل ٿي اهڙو لکان ڪو غزل.

پرين اڄ پروڪي وچن جي مهابي،
مٺڙ، چيٽ جي ٻي چٽڻ جي مهابي.
اندر منجهہ پرندڙ اُلن جي مهابي،
برهہ جي پيانڪ ٻٽن جي مهابي.
غمن ۾ وئي دل ڳري ۽ جهري آ،
فڪر جي ڦٽاڪن ڦٽن جي مهابي.
گلابن ۾ سرهاڻ وچ تون سمائي،
حسن جي انوکي چمن جي مهابي.
ڦلايا سرنهن گل ٻي تو لاءِ پيلا،
بسنتي فضائن رُتن جي مهابي.
اچي پاڻ هاٿي پيالو پيارج،
شرابي، شبابي نشن جي مهابي.
نهارن جو نرمل نظارو پسائج،
نقابي، عقابي اکين جي مهابي.
خطن ۾ لکي تو جي جملا اماٿيا،
صنم سينڌ جي ٻي سخن جي مهابي.
ڪري چُور شيشي جيان تو ڇڏيو آ،
ڪيل دل جگر جي ذرن جي مهابي.
اچو "مور" ڳڏجي هي مندون ملهايون،
گلابي نوابي لبن جي مهابي.





نظر تنهنجي جو ڇا اثر سانوري،
ٽُڪَرَ ٿي پئي دل جگر سانوري.

ڪيا نازسان تو نشانا ها جيڪي،
اسان کي لڳا ٿي خنجر سانوري.

ڪيڏي تازگي ٿي گلن ۾ هئي،
سڪي شام ڏاران پهر سانوري.

شرابن ۾ ڪا ٿي آ اهڙو نشو
چپن جو چکيم جو ثمر سانوري.

تنهنجو درد ٻي ٿي دوا ٿو لڳي،
اهو ٻي انوکو فڪر سانوري.

وفا آ اوهان جي وطن ۾ رڳو
جفا جو نہ جتڙي وکر سانوري.

پڙهي شاعري مون ڏٺي شاهہ جي،
هيو هر اکر سچ مگر سانوري.

سدا مند تو وٽ بسنتي آهي،
بهارن جو تون ڪو شهر سانوري.

ڪجي "مور" واڪاڻ ڪهڙي ڪجي،
حسن جو تون آهين بحر سانوري.

حسن جي يار بازر ۾ ڏٺي مون سيڻ ڳوڙهي،
هٽي ڏاڙو وئي دل کي اها هئي عيڻ ڳوڙهي.

اشارن ۾ سمندر جي نظارن سان پئي کيڏي،
ڏياري وئي هٿن ۾ اچ پنوءِ پيڻ ڳوڙهي.

ملهاري ٿي وئي موسم جڏهن هوءَ مرڪندي نڪتي،
گلن ۾ رنگ پريندي وئي گلابي غيڻ ڳوڙهي.

هٿن سان گل گلابن جا لبن مان لال کيرائي،
ادائن سان هٽي منتر وئي آ ميڻ ڳوڙهي.

حجابن ۾ نقابن جو پرين پردو ڏيئي چڏيو،
مزاقن ئي مزاقن ۾ جهٽي وئي چيڻ ڳوڙهي.

قطارن ۾ تہ ڏس ڪونجون فضائن ۾ پيون نڪري،
وئي هڳساڻ هر جا ٿي لڳي لائيڻ ڳوڙهي.

ڪري قابو وئي ڪوٺن ۾ اسان کي هڪ جهلڪ ۾ اڄ،
هٽي تالا ڏندا ٻيڙيون برهہ جي بيڻ ڳوڙهي.

مغيري وئي لکي دل جي ڪتابن جي نصابن ۾،
آهي هي "مور" جي محبت ٻئي جي ڪيڻ ڳوڙهي.





جڏهن تو پياريو پيالو پرين،
تڏهن کان رڳو آ جهڙالو پرين.
وسي ماڪ گلڙن تي هر ويل ٿي،
پڙهي پيار سان ڏس رسالو پرين.
سپيئي ملهاري ڪري مند هي،
بسنتي لکي وئين مقالو پرين.
ڪُلي ياد جا ورق اڄ پيي پيا،
وڃي پرت جو ٿو جمالو پرين.
اسان جيت کي بي ڪئي هار آ،
هٽي ويو نظر جو روالو پرين.
نشو اڄ اسان کي نشو ٿي لڳو،
ڪِري پيو اتي ئي موالو پرين.
سوا تو اماسو انڌاري رڳو،
اچي ڪر اسان وٽ اجالو پرين.
نٿو هاڻ ڪمرو ڪٿولو وڻي،
ڏيان ڪهڙو دل کي حوالو پرين.
اسين رات ۾ چڻ تہ گهاريون پيا.
ڦٿي باک جو شل جوالو پرين.
ڏسي دنگ رهجي وئي آ دنيا،
ڪيو عاشقن جو ڪشالو پرين.
اچي "مور" وٽ سور ساجن لٿا،
مُڪو تو پري جو ٽرالو پرين.

سڄي سنڌ ٻوڙي ڇڏيو آهي پاڻي،
وڏي آهي دردن ڀري هي ڪهاڻي.

لکن ڪان مٿي ماڻهو روڄن تي آهن،
پڌر تي تتيءَ جو نہ ماني نہ پاڻي.

ننڍا ۽ وڏا سڀ، ٻڍا ۽ ٻچا سڀ،
ويا در بدر ٿي ڦلاڻو ڦلاڻي.

ٻڏو پاءُ ڪٽ ۽ لڙهي پيڻ ڪٽ آ،
وئي پيءُ پٽ جي ٻہ ٿي آ پڄاڻي.

ڪٿي ڏاج لڙهيا، ڪٿي ڪاچ لڙهيا،
ڪٿي پاڻي ٻوڙيا، سياڻو سياڻي.

اڄايل، ٻڪايل، ڏڪايل، وڇايل،
ٻڻي روڄ جي سنڌ آهي رهاڻي.

گهٽائون، فضائون، ادائون، ٻڏي ويون،
نگاهون، نظارا، ٻڏي ٻانيياڻي.

غزل، گيت، دوهو نثر بي ٻڏل آ،
پنو پين، مس جي ٻڏي آ جواڻي.

ٻڏا ساز سهرا، ٻڏي ڳاڙهي ميندي،
ڪٿي موڙ پاتل، ٻڏا راڻو راڻي.

ڪشالا، اُجالا، جوالا، ٻڏا هت،
ٻڏا "مور" منظر ٻڏي سنڌياڻي.

(2010ع ـ سنڌ ۾ آيل ٻوڏ جي ڀيانڪ تباهيءَ تي لکيل غزل)





ڇا تہ منظر پرين تنهنجي نيڻن اندر،
جام ڪوثر پرين تنهنجي نيڻن اندر.

ها ڏسڻ سان ڪسي لوڪ سارو پوي،
ڇڻ ڪو خنجر پرين تنهنجي نيڻن اندر.

رات جاڳي گذاري خيالن ۾ مون،
سوچ اڪثر پرين تنهنجي نيڻن اندر.

باک آهي ڦٽي هڪ جهلڪ ساڻ اڄ،
مرڪ برتر پرين تنهنجي نيڻن اندر.

دل چوي ٿي رهي راتيون مان پوان،
ننڊ بهتر پرين تنهنجي نيڻن اندر.

تون جڏهن ٿي اچين سوجهرو ٿو ٿئي،
چنڊ نوڪر پرين تنهنجي نيڻن اندر.

باز وانگر جهٽي دل سَٽي ٿو وٺي،
"مور" منتر پرين تنهنجي نيڻن اندر.

ٽيو ڪين تنهنجو اچڻ عيد تي،
اسان ساڻ ساجن ملڻ عيد تي.

اسان روئي روئي گذاري پرين،
اهو بي ٽيو ڄڻ مرڻ عيد تي.

اڌورا سمورا ٿيا آسرا،
وري نہ ٿيو ٿئي ورڻ عيد تي.

رڳو ڳل بہ آلا اسان جا هيا،
پڳو ڪين توکان اُگهڻ عيد تي.

ڪسي سبز منظر بهارون وئين،
اسان لئہ ٿيو ڄڻ ڪسڻ عيد تي.

خوابن جا جيڪي محل جوڙيم،
تني جو ٿيو بي ڊهڻ عيد تي.

اوهان سور جيڪي مُقا سوڪڙي،
تني سان ٿيو بي رهڻ عيد تي.

مغيري جڏهن تو سزا هي ڏني،
غزل "مور" پو ٿيو لکڻ عيد تي.





ٽوپي اجرڪ وارا ماڻهو
سنڌي سورهہ سارا ماڻهو.

اٽڪي، ويهڪي، رهڪي، کهڪي،
عظمت ۾ بي نيارا ماڻهو.

ٻولي جن جي ٻاجهاري آ،
جاني جيءَ جيارا ماڻهو.

جوڀن ۾ شل جهانگي جيئن،
اکين جا هي تارا ماڻهو.

غيرت لئہ سِرُ ڏيئي ڇاڻن،
هوشو هيمون پارا ماڻهو.

سنڌي ٻولي زنده هوندي،
گونجن گهر گهر نعرا ماڻهو.

ويرين جي اک جا هي ڪنڊا،
ڏرتي دشمن ڪارا ماڻهو.

مهماني جا "مور" ٿا سڏجن،
دل ۾ ڪندڙ آرا ماڻهو.

(6_ڊسمبر 2011ع ثقافت ڏهاڙي تي لکيل)

ڪٽي نيڻ ٻيهر نهارڻ وري اچ،
مٺل دل کي جاني جيئارڻ وري اچ.

اوهان جام اکين سان جيڪو چکايو،
پرين سان پيالي پيارڻ وري اچ.

اسان صرف توڙي ڏسڻ هاڻ ڇاڻون،
اسانجي اڱڻ تي خمارڻ وري اچ.

اوهان کان سوا جيءُ اوندهه ۾ آهي،
سگهو واٽ تي لاٽ ٻارڻ وري اچ.

وئي ننڊ ناراض ٿي يار مونکان،
اسانکي ٻه هاٿي سمهارڻ وري اچ.

برهه جي وئين باهه جيڪا تون ٻاري،
انهيءَ باهه کي هاڻ ٺارڻ وري اچ.

سڄي رات يادون ۾ سڏڪار ڳوڙها،
اڪيلي آهي دل ڏتارڻ وري اچ.

مغيري بسنتي ڪري مند مون لاءِ،
مِٺي "مور" مونکي پڪارڻ وري اچ.





نيڻ برسات وانگي وسن ڊوليا،
راهه تنهنجي پيا ٿا ڏسن ڊوليا.

ياد آئي پراڻي وري رات سا،
چنڊ تارن سان هو جو مگن ڊوليا.

هير تڏڙي پرهه جو پهر بانوري،
ها اچي ڪر سڄو تر چمن ڊوليا.

جو وهي واپري سور سيني اندر،
ٻڙڪ ٻاهر ڪڍي نه چپن ڊوليا.

سنڌ سان جو ستم اڄ ٿئي ٿو پيو،
تن عذابن تي پوندو ڪفن ڊوليا.

ڪين فتنا، وڳوڙا ۽ جهيڙا هجن،
پاڻ کي هاڻ گهرجي امن ڊوليا.

ڪاش رونق وري ساڳي موٽي اچي،
شال اوطاقون ٻيهر مچن ڊوليا.

دل چوي ٿي سڄو جڳ مهڪي پوي،
دوست انسان ٿي سڀ رهن ڊوليا.

"مور" ماڪي، مکڻ، ڪير جت ڪٿ ملي،
سنڌ اهڙو هجي ڪو وطن ڊوليا.

**طرح: "رنگ هر جا خوشيون ٿي لٽا عيد ٿي."**

تو اکين ساڻ اوتيا نشا عيد ٿي،
رنگ هر جا خوشيون ٿي لٽا عيد ٿي.

بادلن منجهه مستي مگن ٿي هئي،
مند مهڪي پئي جو مٺا عيد ٿي.

چنڊ چؤڏس هوائون هڳائون هيون،
اڄ ڪئي تو آ دل جي دوا عيد ٿي.

ساز آهن ڇيڙي پيا ادائون پسي،
توڪئي جو حسن جي سخا عيد ٿي.

سال توکي ٿيا تون نه آئين پرين،
واهه جو اڄ ڪئي تو وفا عيد ٿي.

ياد ماضي ڪري يار روئي پيس،
اوچتو تو اچي ڪيو نڪا عيد ٿي.

شام ڏاري هيو "مور" مخمور ٿيو
تو پياريا هيا پُرُ وٽا عيد ٿي.

(عيدالفطر طرحي مشاعرو- فيس بوڪ تي رکيل)





اسان توکي ورتو لکن ۾ پِني آ،
اوهان کان سوا دل هي چوري ڇِني آ.

آئُوَ يار پارت اسانجي ته دل جي،
وڏن نوڪرن بعد تو وٽ پُني آ.

اوهان کان سوا ڀي نه دنيا وٽي ٿي،
سڀن کان لڪائي توکي دل ڏني آ.

اسان هاڻ توتي غزل پيا لکون ٿا،
پريا گيت سڏڪا ۾ وائي رُني آ.

اسان کي ته شاعر اوهان ئي بڻايو
اسان وٽ فڪر ۾ نه رستو فني آ.

جڏهن کان اسان ساڻ ڀيرو ڀڳو تو
اسان سور سيني لئه ورتو ڳني آ.

وٺي شاهدي چنڊ تارن کان ڏس تون،
ڏٺي يار حالت سموري تني آ.

اسان پيار پالي نپايو آ دل ۾،
اسان لاءِ شيعو نه ڪوئي سُني آ.

وئي مرڪ موکل ڪري "مور" مونکان،
غمي دل جي زورو خوشي وئي ڇني آ.

اچو عيد تي گڏ رهو "مور" سان،
مٺا هاڻ گهاريو ڏهو "مور" سان.

اوهان کان سوا عيد کهڙي کبي،
پيارا پهر اڄ وهو "مور" سان.

رکي نيڻ راهن تي ويٺا هيون،
قسم تي اوهين ٿا ٺهو "مور" سان.

نکا کل خوشي کين کيکار آ،
چمن زندگي ۾ ٻهو "مور" سان.

وري يار ماکي چپن جي کپي،
پرين پيار جو رک پهو "مور" سان.

وري شال ٻيهر اها شام ٿئي،
وري پاءِ پاکر اهو "مور" سان.

اگر کا شڪايت مغيري اَٿَوَ
اچي روبرو سا ڪهر "مور" سان.





اچو مند مرڪي ملهاري ملهايون،
ڪري پرُ پيالو پياري ملهايون.

وري جام اکين جو ٻيهر کپي ٿو،
وري شام ساجن خماري ملهايون.

وري گل ٽڙي پيا ۽ پوپٽ مڙي پيا،
وري يار رنگت نياري ملهايون.

وري ٿي آ ساوڪ ۽ سرهاڻ هر جا،
وري سرنهن ساڳي ڦلاري ملهايون.

وري هير ٽڏڙي پرھ جي پهر جي،
وري برھ جي اڄ بهاري ملهايون.

وري حرڪتن ۽ مزاڪن جي محفل،
وري اڄ تہ موسم پلاري ملهايون.

وري "مور" قربن پري کا ڪچهري،
وري عيد گڏجي ڏياري ملهايون.

ڏٺم ڇا تہ منظر گلابي وڳي سان،
هئي سڀ کان بهتر نوابي وڳي سان.

خمارن ۾ مخلوق ساري ڪري وئي،
جڏهن نڪتي ٻاهر شرابي وڳي سان.

سڄو ڏيهہ مرڪي پيو اڄ اچانڪ،
اچي يار ويو لاجوابي وڳي سان.

بڻي مند دل جي بسنتي وئي آ،
ڏني سونهن جهلڪي شبابي وڳي سان.

اسان جهڙا نوڪر هزارين اوهانجا،
ٿيا قيد قابو نقابي وڳي سان.

ڪپي ونڊ سائين حسن جي سخا جو،
پري جام ڏي بي حسابي وڳي سان.

وري "مور" تي اڄ عنايت اچي ڪر،
ڪئي تو اڳي جا عقابي وڳي سان.



ڳوڙها ڳوڙها ڳل *غزل* (شاعري)

سنڌي ٻولي نياري آهي،
مٺڙي کان موچاري آهي.

شاهہ، سچل ۽ سامي، راشد،
بيدل، رکيل بخاري آهي.

صدين کان تهذيب اسانجي،
ٽوپي، اجرڪ واري آهي.

سنڌو پنهنجي سهڻي ڌرتي،
گل ڦل ۽ گلزاري آهي.

سنڌي بيحد مخلص ماڻهو،
سورهہ هاري ناري آهي.

جيجل جهولي واري لولي،
ٻهڳڻ ۽ ٻاجهاري آهي.

جا اڪ ميري تيري ڏسبي،
سا اڪ سمجهو ڌاري آهي.

سر ڌڙ گهر ذر گهوري ڇڏبو،
ساهہ کان وڌ هي پياري آهي.

ويري توسان جهيڙو هاڻي،
"مور" مغيري جاري آهي.

ڦلاري آ موسم اجان تون نہ آئين،
ملهاري آ موسم، اجان تون نہ آئين.

نهاري نهاري ٿڪا نيڻ آهن،
بهاري آ موسم، اجان تون نہ آئين.

گلن ۾ رنگيني سموري سمائي،
نکاري آ موسم، اجان تون نہ آئين.

وري يار، پوپٽ بہ پهچي ويا هن،
اناري آ موسم، اجان تون نہ آئين.

وري ٿي جهڙالا وياجا بجا هن،
قنڌاري آ موسم، اجان تون نہ آئين.

وري نيڻ آلا اوهان لاءِ آهن،
ولهاري آ موسم، اجان تون نہ آئين.

اسان توڏي خط ۾ سنيها مُقا هِن،
نياري آ موسم، اجان تون نہ آئين.

وري مئڪدي جا اچي ڪول دَرَ تون،
خماري آ موسم، اجان تون نہ آئين.

وري "مور" پيئڻ مغيري گُهري ٿو،
پياري آ موسم، اجان تون نہ آئين.





آ هلي هڪ وار پيهر، دل گهري ٿي سانوري،
پُرُ پيالو پيار پيهر، دل گهري ٿي سانوري،
نيڻ نيڻن سان ملائي ويهہ ٿي اڄ ويجهڙو،
پيو ڪيان ديدار پيهر، دل گهري ٿي سانوري،
تو ڏني جيڪا غمي سا گهر ڪري ويهي رهي،
هاڻ هي غم ٽار پيهر، دل گهري ٿي سانوري،
دل جڏهن ڪان تو لُٽي، بازي سموري تو ڪَٽي،
مون مڃي آ هار پيهر، دل گهري ٿي سانوري،
چيٽ ۾ آئين اڳي، آيو وري بي چيٽ آ،
چيٽ ۾ دل ٺار پيهر، دل گهري ٿي سانوري،
گل ٽڙي آهن پيا، پوپٽ مِڙي آهن پيا،
ٿي وري ڦولار پيهر، دل گهري ٿي سانوري،
تو سوا جيون ڪٽائي جا ورق وڪري ويا،
ڪين دلڙي ڳار پيهر، دل گهري ٿي سانوري،
ياد ماضي ڪي ڪري اڄ يادگيري بي رُني،
ياڪارن جا هار پيهر، دل گهري ٿي سانوري،
مان پراڻو آهيان نوڪر اوهان جي نانءَ جو،
تون بہ ٿي "پوتار" پيهر، دل گهري ٿي سانوري،
"مور" جي تو ڪانسوا گذري نٿي هڪ بي گهڙي،
گڏ مغيري گهار پيهر، دل گهري ٿي سانوري،

وري بي ياد آئي آ اها ئي رات ساوڻ ۾،
هياسين گڏ اُتي تون مان، اُتي برسات ساوڻ ۾.

پِچايو تو بدن بخمل جڏهن برسات ۾ بيهي،
ڪئي ڪيڏي هئي تو مون اُتي حرڪات ساوڻ ۾.

لبن سان لب ملائي تو ڪيو مون ساڻ وعدو هو،
جنم هوندس ٻئي توسان، نہ ڪر فڪرات ساوڻ ۾.

گلابن جي وڏي خوشبو نچن جهومن پيا پوپٽ،
نگاهن جي پناهن ۾ ڪُٽي وئي رات ساوڻ ۾.

اشارن جي ادائن سان هئي جا راند ڪيڏي تو،
اڃي سا يادگيري وئي اها پرڀات ساوڻ ۾.

مغيري "مور" موسم هي وري آئي اميدن سان،
اسان ڏي ساوري اڄ تون ڪٽي سوغات ساوڻ ۾.

(21 جون 2015ع تي سنڌي ادبي سنگت لاڙڪاڻي
طرفان ٿيل "ساوڻ مشاعري" ۾ پڙهيل)





غمن ۾ گذر ٿي وئي زندگاني،
سوا تو حشر ٿي وئي زندگاني.

اڃي رهبري اڄ اسانجي ڪيو ڪا،
سڄي دربدر ٿي وئي زندگاني.

ملڻ جي اسان تي ڪيو مهرباني،
اوهانجي نظر ٿي وئي زندگاني.

غزل، گيت، دوها، نظم، بيت، وايون،
ڪهاڻي قهر ٿي وئي زندگاني.

هئي جا گهڙي مون اوهان سان گذاري،
اها ئي اَمر ٿي وئي زندگاني.

مٺي "مور" جي دل ڏکن ۾ ڏري پئي،
مغيري زهر ٿي وئي زندگاني.

لڳي ٿو سفر جهڙ،
ڪنڊن تي گذر جهڙ.

جلي آ ويو يار،
اسانجو جگر جهڙ.

ڪٿي ٿي سري هٿ،
سوا ٿو حشر جهڙ.

مڃي ئي نٿي دل،
اگر ۽ مگر جهڙ.

وئي مند مٽجي،
خزان جو اثر جهڙ.

ڪُٽي ئي نٿو ڇو؟
ڏکن جو سفر جهڙ.

فڪرجا ٿا ڪائن،
اندر ڪي ڪپر جهڙ.

وڻن ڪينڪي ٿا،
نظارا نظر جهڙ.





سوا ٿو سچا هن،
سمورا شهر جهڙ.

لڳي گهر ڀي ٿو،
اسانکي قبر جهڙ.

ڪڏي يار ڇڏيا،
هجر بي پگهر جهڙ.

صبح، شام، سانجهي،
سنياري عصر جهڙ.

ويا لاهه نڪري،
يڪو آ ڏمر جهڙ.

اڃان پيو جيان ٿو،
اڃوڪي خبر جهڙ.

پيو "مور" لِکُ تون،
نظم ۽ نثر جهڙ.

❋❋

شروعات واري ملاقات ياد آ،
پرين پيار جي سا تہ پرڀات ياد آ.

لبن جو وئين جام جاني پيئاري،
اها لار جي يار لذيات ياد آ.

ڪلالن کي بي سنڌ نہ ڪائي پوي ٿي،
شرابي نظر جي خمارات ياد آ.

ننڍائپ مان نڪري جواني سنڀالڻ،
اها يار بيحد ٻُلوغات ياد آ.

وسي اڄ ڪڪر پيا اسان جي اکين جا،
سکي شام ڏاري جي برسات ياد آ.

ڪري تو ٽُڪَرَ دل ڇڏي هئي اسان جي،
صنم سور واري سا سوغات ياد آ.

ڪيو ياد اسڪول جي ڪا ڪچهري،
مذاقن ۾ قاتل ڪتابات ياد آ.

رڳو خون جهيڙا، وڳوڙا وڏي ويا،
اها بي اندر منجهہ فڪرات ياد آ.

پڙهي ڏس ڏِٻي جنگ واري ڪهاڻي،
وڏي روپلن جي ڪمالات ياد آ.





رسڻ ريت توکي نہ آهي روا،
فڪر ۾ وئي زندگي ٿي فنا.

حڪيمن کي ڪهڙي مرض جي خبر،
طبيبن جي لڳندي نہ دل کي دوا.

ٻري مس برهہ جي ٻتي يار هئي،
وسائي ڇڏي سا بہ جهٽ ۾ هوا.

گلن سان خزان جي روا ڪي ڏسي،
ڪڪر اڄ اکين جا وسي ير پيا.

ڀنل ڳل گواهي هجر جي ڏين،
ڏسي لوڪ ويٺو سمورو لقا.

سڄي رات ويهي گذاريم پرين،
رُسي ننڊ آهي وئي آ صفا.

رڳو ”مور“ گهيرت ٿا غم جا پون،
مغيري ملي وچ گهڙي جهٽ سوا.

دل وساري ڪين ٿي ان شام کي،
مئڪدي ۾ مئڪشن جي جام کي.

رنگ پرجي ويا گلن ۾ ها تڏهن،
تو جڏهن گوري وڌايو گام کي.

دنگ رهجي ويو زمانو هو تڏهن،
تو ڪيو قتلام هو هر عام کي.

تو سوا ڪجھ بي وٽي ٿو ڪين ڪي،
نام کو تون ڏي پرين بي نام کي.

مان فڪر ۾ آهيان ڦتجي پيو،
پيار سان پيالو پيارج سام کي.

زندگي پن چڻ بڻائي تو ڇڏي،
ڪر سبز جيون سندي تون لام کي.

نير نيڻن مان وهائي "مور" تو،
ڪجھ مغيري سمجھ تون بي مام کي.





مٺي دل اوهانکي وساري تہ ڏوهي،
ٻئي در اگر جي نهاري تہ ڏوهي.

آهي ياد هر دم اوهانجي اسان وٽ،
اوهان کان پري جي گذاري تہ ڏوهي.

لبن تي اوهانجو رڳو نانءُ آهي،
پيو ڪو اسم جي اُچاري تہ ڏوهي.

اسانکي اوهانجو ڪپي ساٿ سائين،
ٻئي جي لڳان جي سهاري تہ ڏوهي.

اوهان کان سوا زندگي ۾ غمي آ،
اگر غم اوهانجو ڏڪاري تہ ڏوهي.

رڳو "مور" جي دل ۾ تون ئي رهين ٿي،
قسم تي ٻئي کي پڪاري تہ ڏوهي.

وري مند آئي، نہ آئين پرين تون،
سرنهن جي ڦلائي، نہ آئين پرين تون.
اسان پاليون کوڙ دل ۾ اميدون،
هيون سڀ اجائي نہ آئين پرين تون.
پيا نيڻ برسات وانگي وسن ٿا،
ناهي ننڊ ڪائي، نہ آئين پرين تون.
جتي گڏ مِلي ۽ کِلي خوش ٿياسي،
جتي ٿي رسائي، نہ آئين پرين تون.
پيو چنڊ ڪان مان پڇاڻو ڪيان ٿو،
ملي شل وڌائي، نہ آئين پرين تون.
هٿن سان، وئين جام جيڪو پياري،
ڪپي سا سوائي، نہ آئين پرين تون.
نظر سان، نظر جي نشاني ٿيڻ سان،
ڪتس مان اُڪائي، نہ آئين پرين تون.
وڏا مٺَ مئي جا اسان کي پياري،
ڪيو تو نشائي نہ آئين پرين تون.
اسان وٽ هميشہ اوهان لاءِ محبت،
رهندي اها ئي، نہ آئين پرين تون.
مغيري رڳو "مور" توتي لکي ٿو،
غزل، گيت، وائي نہ آئين پرين تون.





اشارا نرالا اوهانجي نظر جا،
پڇي ٿَڳَ پون ٿا صدين جي سفر جا.

گذاري جا گڏجي گهڙي تو اسان سان،
پيا جرڪي منظر ها دل جي شهر جا.

ملي ڪونہ منزل ڪڏهن پي اسان کي،
رڳو پيچرا ئي مليا هن ڦهر جا.

نہ احساس ڪوئي نہ ڪو ماڻهپو آ،
ملن ٿا جي ماڻهو لڳن ٿا پٿر جا.

اسان دل جي ٽڏڙي هئي هير ارپي،
مگر پو بي مليا وٽا هِن زهر جا.

ڪٿا ڪهڙي لکبي اسانجي اندر جي،
مقا سور ساجن سمورا حشر جا.

اسان جي ڪکائين اميدن جي گهر ۾،
وجو پير پائي پيارَي پهر جا.

مغيري انڌيرو ڪڏهن دور ٿيندو؟
ڪڏهن پسبا لمحا صبح جي ٿمر جا؟؟

اچين ٿي تہ محفل ۾ چانڊاڻ آهي،
وڃين ٿي تہ اکين ۾ آلاڻ آهي.
نظر ناز سان تون جڏهن بي کڻين ٿي،
تہ موجن ۾ ايندو پو مهراڻ آهي.
گلابن کي ڳاڙهاڻ توکان ملي آ،
اوهانجي لبن جي سا لالاڻ آهي.
ڳلن تي رکي وار قهري ٿي مارين،
وڏي سينڌ تنهنجي جي واکاڻ آهي.
ملهاري ٿئي مند مرڪين جڏهن ٿي،
۽ رونق سموري بي تو ساڻ آهي.
لکن ڪان مٿي لوڏ تنهنجي لهي ٿي،
جتي بي گهمين ٿي تہ سرهاڻ آهي.
جتي بي هجين شال سکيو هجين تون،
دعا هي هميشہ اوهان ڪاڻ آهي.
ڪڏهن پيار جو ٿي پيالو پيارين،
اها آس دل ۾ رهي هاڻ آهي.
وڇڙ وقت لونڙو ورائي تہ ڏس تون،
هي بيٺو مغيري اوهان ڪاڻ آهي.

(ٻہ روزه ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيل غزل-
شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور)





سخن جو شهنشاهہ آهي پٽائي،
سچي سنڌ جو ساهہ آهي پٽائي.
هٽي نعرو حق جو نشانبر تي بيٺو،
جدوجهد جي راهہ آهي پٽائي.
سبق سارو انسانيت جو ڏنائين،
۽ ويساهہ اتساهہ آهي پٽائي.
بغاوت ڪيائين ٿئي ڏاڍن سان اڪثر،
غريبن جو همراهہ آهي پٽائي.
رسالو سندس روشني تو پکيڙي،
۽ وديا جو درياهہ آهي پٽائي.
اجاگر ڪري ٻولي کي هو ويو آ،
رکيو سنڌ سان چاهہ آهي پٽائي.
ملي سنڌ کي ويو عقل جو عقابر،
اهو عيد جو ماهہ آهي پٽائي.
امن، ايڪي، اتحاد جو ڏگ ڏنائين،
رواداري جي راهہ آهي پٽائي.
پلا پاڳ ڌرتي اسانجي جا آهن،
مليو سنڌ کي شاهہ آهي پٽائي.
ويو جاءِ جوڙي زماني ۾ اهڙي،
مغيري پيو ناهہ آهي پٽائي.

(ايم فل جي ڪلاس ۾ پٽائيءَ جو ڏهاڙو ملهائڻ دوران پڙهيل)

وري ياد ٻيهر وري پوپري،
وري جيءُ پيو آ جُهري پوپري.

اها شام بيحد سياڳي هئي،
جيڪا پر اوهانجي ڦري پوپري.

ڪٽي نيڻ گهوري جڏهن تو ڏٺو
گهڙي سا تہ ياڳن ڀري پوپري.

مٺي مرڪ تہ ڪي بهارون گهلن،
ٺئي مند مهڪي چري پوپري.

جڏهن ڪان تو وسڪي ڏني پيار جي،
تڏهن ڪان ويس مان ڪَري پوپري.

هتي مان هٿن مان وچان ٿو پيو
سچي تو سوا نہ سري پوپري.

مٺي مل تہ مرڪن جا پوپٽ مِڙن،
ڪٽي اچ خوشي جي ڀري پوپري.

وري ساڳي برسات اچ بي اُٺي،
وري لڙڪ پيا هن تري پوپري.

خزان جي پنن وانگي وڪري ويس،
صفا ڳالهہ ٿي آ ڳري پوپري.

سڙي مان تہ سگريٽ وانگي ويس،
ڳري دل وئي آ ٻَري پوپري.

چپن سان پياري وجو "مور" ڪي،
ورنہ 'مور' ويندو مري پوپري.





وري يار ٻيهر سرنهن بي ڦلاري،
وري آس جاڳي نئين جوت ٻاري.

سچو ڏيهہ ساوڪ ۾ سرهاڻ آهي،
مٺي مند ٿي آ نهايت نياري.

گمي صرف سائنڻ اوهانجي ئي آهي،
وٺن ڪين منظر ڦلاريل ڦلاري.

سُرو سور جو سهٽي توريءَ ٿو ڪائي،
پساهن ۾ هاٺي پڳا هون پياري.

غمي ويهجي وئي اسانجي اڱڻ تي،
خوشي تو گهڙي ڪن ڏني چڻ اڏاري.

سکي اچ سياري جي موسم ملهايون،
اوهان بن اکين مان آهي آب جاري.

اسان ديپ راهن ۾ رت ساڻ ٻاريا،
خزان جي هوائن وسايا خماري.

پرين پيار جا اچ تہ پوپٽ پکيڙيون،
چپن کي ڏيون "مور" نئين سر بهاري.

گلن ۾ مغيري گلن کي سنڀاري،
اسان باهہ دل منجهہ ٻاري گذاري.

ڪيا تنهنجي ديدن جي ديدار زخمي،
پرين مان نہ هڪ، پر ٻيڊا ٻار زخمي.

وڏي هاڪ تنهنجي حسن جي هلي ٿي،
ويو ٿي سچو آهي سنسار زخمي.

مُڪا سور تو سوڪڙي جيڪي آهن،
ڪيو تن جگر، دل آرؤن پار زخمي.

ويو باغ اجڙي آهي زندگيءَ جو،
مان هيڪار، ٻيهار، ٽيهار زخمي.

اسان ياد جي ئي سهاري جيئون ٿا،
هتي هر گهڙي آهي هر وار زخمي.

نئي شاعري هاڻ لکجي اسان ڪان،
سڪي سوچ سورن ۾ ويچار زخمي.

مٺي "مور" ڪان ڇو بهارون ڪسي وئين،
ڪري قول، واعدا ۽ اقرار زخمي.





اسانجي اميدن ڪي ڪچلي پياري،
ڪڪن جي جهڳي منجهہ تو باهہ ٻاري.

پرين پير ٽاندن تي پئجي ويا ڇڻ،
برهہ باهہ اهڙي اندر ۾ اُٿاري.

پيو پيار جي گهاٽي ۾ پيڙجان ٿو،
لڳا قرب جا ڪِيرَ آهن ڦهاري.

ڪٽي نيڻ خنجر مِٺي جي ڪُٺا ٿئي،
لهي سارَ ويچ تن شهيدن جي ساري.

ڪلي حسن جي هاڻ خيرات ڏي تون،
نہ موٽاءِ پيناگ هاٺي پياري.

اسان جيت ڪارڻ پَتا ڪيڏيا ها،
مگر پاڻ ڪي هٿ ملي يار هاري.

اسانجي محبت جي محلات ٻي ڪا،
مغيري اڇي ٽر جي ڇڻ "مور" واري.

پرين ياد نوڪر پراڻو ته ڪر،
وري شاد دل جو گهراڻو ته ڪر.

ڪري پيار ۾ جيڪو پاڳل وئين،
اڇي سو اياڻو سياڻو ته ڪر.

ٿهي بي رُخي ايڏي توکي نٿي،
عرض هاڻ هڪڙو اگهاڻو ته ڪر.

يڪو راهه ويهي تڪيان ٿو پيو،
گهڙي ڪن اسان وٽ ٽڪاڻو ته ڪر.

ڪسي وار ڪارا اڇا ٿو ڏنا،
جواني جو هاڻي جُماڻو ته ڪر.

ڏکن واهه جي هاڻ ويڙن ڪئي،
اڇي پاڻ تن ڪان پڇاڻو ته ڪر.

مٿي "مور" تو ريءَ آ ڇورو ڇنو،
وري 'مور' ڏي اچ وراڻو ته ڪر.





وري يادگيري وري پوپري،
وري نيڻ پيا هِن تري پوپري.

وري سُرمئي شام جي ساعتن،
ڪلي بِشتَ جي ڪا دري پوپري.

وري مرڪَ مهڪار ڪيڪار جي،
ڪپي پاڳوندي پري پوپري.

وري نيڻ راهن تي آهن رکيا،
آهي چاهه ۾ دل چري پوپري.

وري پاڻ پڄري ۾ پڄرون پيا،
ڳري ميڻ بڻجي، ٻري پوپري.

اڇي ڏس اسان جي تون حالت هتي،
مان ماڻهو لڳان ٿو ٿَري پوپري.

مڃان ٿو اوهان جي سري ٿي مگر،
اسانجي نه تو ريءَ سَري پوپري.

ويو سال گذري نه آئين اڃان،
اڇي ٿه پوان شل ٿري پوپري.

مسي پاڻ ٻئي ڪير، مصري ٿياسين،
اچانڪ وري يار وڪري وياسين.

نظر ناظرن جي لڳي آهي اهڙي،
اوهان کان صفا هاڻ وسري وياسين.

جڏهن کان اوهانجي نگاهن کان نڪتس،
تڏهن کان بهارن مان نڪري وياسين.

اوهان ساڻ گڏجڻ مِٺي آهي جنت،
پري توکان دوزخ ۾ پچري وياسين.

سڪي روشني تون اسانجي سفر جي،
اوهان ريءَ اوندهه ۾ پگهري وياسين.

اتر جي گهلڻ جي اجهامند آئي،
غمي منجهه گرمي بي گذري وياسين.

اچو "مور" مرڪون ونڊي ۾ ورهايون،
اسين نفرتن منجهه نسري وياسين.





وري يار ٻيهر وري آيو آ ڊسمبر،
وري پَرُ جيان ڏمريو آ ڊسمبر.

مهينا سڀيئي هيا جونُ ليڪن،
مٺر وانگي دل کي، ڏريو آ ڊسمبر.

پرين تو سوا ڪين پارو ٿو گذري،
اڪيلائي ۾ ڪيو چريو آ ڊسمبر.

گهمن جوڙ جا ٿي ۾ ڪاٿي پيا ٿا،
گلن ساڻ بيحد ڀريو آ ڊسمبر.

ڇُٽا ڦَٽَ پروڪا اجان تائين ناهن،
وري هيل ٻيهر ٻَريو آ ڊسمبر.

رَتو رَت اميدون ۾ آسون ٿيون هِن،
ذرو ڏيان بي نه ڏريو آ ڊسمبر.

قتل "مور" جا خواب سارا ڪيائين،
خبر ناهي ڇا کان گريو آ ڊسمبر.



# چؤسٽا

پرين توکان پري هتي، ڪين ٿا گذرن پل، ڳوڙها ڳوڙها ڳلَ،
توريءَ مون وٽ ناهي رهي، خوشي ۾ ڪا ڪِلَ، ڳوڙها ڳوڙها ڳلَ،
"مور" اوهان کان ٻِنا مِٺي، مڇي جيان ڦَٿڪي، جڻ تئي ۾ ٿڇڪي،
اوجاڳن ۾ اکيون آهن، ڪين ڏٺي تن کِهلَ، ڳوڙها ڳوڙها ڳلَ،

a

سکي سونهن تنهنجي جي خوشبو نِرالي،
تنهنجي مرُڪ آٽي ٿي موسم جهڙالي،
مغيري سان ڳجهيون ته ڪر يار ڳالهيون،
جيڪو سونهن تنهنجي جو آهي سوالي.

a

ڪارين اکين واري سهڻي،
تو سان آهي ياري سهڻي،
اچ ته جيون گڏجي گهاريون،
تو تي دل مون واري سهڻي.

a

تنهنجي ديد ۾ ديد کپي،
مونکي اها ئي عيد کپي،
تنهنجي تيز ترارن ۾،
مونکي ٿيڻ شهيد کپي.





a

پرين تقدير منهنجي تون،
سٺي تحرير منهنجي تون،
سوا تنهنجي مان زيرو هان،
سچي تفسير منهنجي تون.

a

موسم ڏاڍي ملهاري آهي،
مينهن مغيري جاري آهي،
گل ڦل سارا ساوا ٿي ويا،
دلڙي پو به اجاري آهي.

a

پرين هاڻي پنهنجي پناهن ۾ رک تون،
ڪٽي نيڻ نرمل نگاهن ۾ رک تون،
ثوابن جا ڀاڪر اچي ڀر تون پياري،
مغيري رڳو نه گناهن ۾ رک تون.

a

زندگي تو سان جڏهن ٻڪجي وئي،
هر خوشي تو ساڻ پو لڪجي وئي،
تو مغيريءَ ڏي ڏٺو مرڪي جڏهن،
دل انهيءَ ويلي سڪي ڪڪجي وئي.

a

پري مون کان پل ٻي تون ناهين پياري،
اڻئي پهر دل منجهہ آهين پياري،
مغيريءَ جي من ۾ آهي ورد تنهنجو،
متان ”مور“ دل تان تون لاهين پياري.

a

پرين اڄ تہ ڪينجهر گهمون گڏ پرين،
ڏسون سهڻا منظر گهمون گڏ پرين،
مٿان بوند باري مغيري جهڙالو،
آهي مند دلبر گهمون گڏ پرين.





a

پرين ياد جي هٿ سهاري جيئون ٿا،
تنهنجي ورد سان دل ڏتاري جيئون ٿا،
بيابان دلڙي چو منهنجي بڻايئي،
گهاٽي ۾ هتي چڻ گذاري جيئون ٿا.

a

مٺي تنهنجو مرڪي ملڻ ياد آهي،
وري ڏيوڍي اک سان ڏسڻ ياد آهي،
مغيري کي تو جو ڏنو يار تحفو،
وٺي تحفو توکان چمڻ ياد آهي.

a

اکين مان لڙيا لڙڪ لارون ڪري،
وئي دل صفا آهي، ڏارون ڪري،
ٻهارو خوشين کي ڏيئي ”مور“ وئي،
مغيريءَ جي جيون ۾ ڳارون ڪري.

a

پرين اچ تہ جيون چمن تي پوي،
مِٺي مَنُ خوشي ۾ مَگن ٿي پوي،
مغيري سُڪلَ گونچ ساوا ٿين،
پروڪو جي پورو وَچَنُ ٿي پوي.

a

اچي يادگيري وئي يار اچ،
چيو دل تہ هلجي وري پار اچ،
اوهانکي ڏٺي ڏينهن ڏاڍا ٿيا،
مغيري لڳي ساھہ کي سارَ اچ.

a

وري يادگيري وري يوني جي،
ڏٺي خواب ۾ مون پري يوني جي،
ٿڏي هير ساڳي گلابن جي رنگت،
کُلي چڻ تہ جنت دري يوني جي.





a

تنهنجو چنڊ چهرو ۽ اکيون شرابي،
پرين ڳل ڳاڙها ۽ لبڙا گُلابي،
سچي ئَنهَن کان چوٽيءَ تائين سون آهين،
تنهنجي سونهن ماٽي آ موسم شبابي.

a

پرين زندگي توکي ارپي ڇڏي ٿم،
توسان گڏ رهڻ جي خواهش وڌي ٿم،
مٺي "مور"جي تون شاهوڪاري آهين،
سوا تنهنجي هتڙي نہ مايا، مڏي ٿم.

a

منهنجي دل جي ڌڙڪن سهٽي شِينُ آهي،
سڄيءَ سنڌ جي جا سندر سِينُ آهي،
حڪومت مغيريءَ مٿان آهي ان جي،
بٽي دل جي شعبي جي وئي ڍِينُ آهي.



4

a

منهنجو ساهہ ساڄن منهنجي شاعري تون،
منهنجي دل جي لڪيل آهين ڊائري تون،
منهنجي ڪل، خوشي ۽ بهارون بہ توسان،
مغيريءَ جي ڪر هاڻ ڪا واهِري تون.

a

پرين اڄ تہ ديدن جون عيدون ٿين،
غريبن جون پوريون اميدون ٿين،
لهي ٿڪَ لهڏي ۾ سارا وچن هي،
نئين سِر خوشين جون خريدون ٿين.

a

هير گهلي ٿي ٿڌڙي سائين،
وڃ تون ٺاري جندڙي سائين،
آءُ تہ جيون گڏجي گهاريون،
جندڙي ٿي وئي ٻڍڙي سائين.





a

پرين ڪارڪون بي ڪارائين نٿي،
ويٺو آهيان سنبري گهرائين نٿي،
چڙهي وڻ ويڙهي اميدن تي وئي،
اڃان تائين نمبر ملائين نٿي.

a

پرين تنهنجي پيرن جي پيزار مان،
ڪيو سونهن تنهنجي آ بيمار مان،
مغيريءَ کي درڪار درشن جي آهي،
ڏسان شال سورهن ئي سينگار مان.

a

سکي حسن جي تون چمن جي چنبيلي،
ڪيڏي سونهن تو منجهہ سهڻي سريلي،
اکين منجهہ مغيري ٿئي اسرار اهڙو،
ڏسڻ ساڻ گهوري هٽين ٿي گليلي.

a

پرين اڄ تہ پاڻ ۾، ايئن ملايون ڇَپ،
ڪاٿ ڪي جيئن لڳندا آهن نينهن پريا ٺَپ،
مغيريءَ جي روح سان ريجهي روحي وڄ،
پوءِ پيئون ٻئي پيار سان، پيار پريا ڪپ.

a

اوهانجي سونهن کي سانئڻ عبادت گاهہ سمجهان ٿو،
اکيون ٻِئي در ڦيرائڻ واري کي گمراهہ سمجهان ٿو،
اوهان جي يار وارن جي، رهان مان ڇانوَ ۾ هر دم،
مغيريءَ جو جسم هتڙي ۾ تو وٽ ساهہ سمجهان ٿو.

a

اوهان جو حسن منهنجي لاءِ عبادت گاهہ هڪ آهي،
اکين کي آ ملي ويئي اها ئي راهہ هڪ آهي،
اوهانجي تات تاري آ، زبان تي ذڪر جاري آ،
منهنجي دل جو مٿي تو تي پڪو ويساهہ هڪ آهي.





a

اڄ چنڊ لٿو آهي ڌرتيءَ تي خدا ڄاڻي،
اڄ حاجت ڪا ناهي ڌرتيءَ تي خدا ڄاڻي،
سنسار ٿي روشن ويو گلزار ٿي گلشن ويا،
وئي خلق چڙهي ڦاهي، ڌرتيءَ تي خدا ڄاڻي.

a

پرين وار پنهنجا ڪلهن تي پکيڙي،
منهنجي دل صفا تو ڇڏي آ اُڌيڙي،
مغيريءَ کي زلفن جو قيدي بڻايئي،
ويئو بند ۾ يادگيريون سهيڙي.

a

پرين تنهنجي ديدارڪارڻ اڇون ٿا،
دکي دل گهڙي کن تہ ٺارڻ اڇون ٿا،
مغيريءَ کي تنهنجي حسن جو قسم آ،
تون ناهين تہ جڻ پاڻ ٻارڻ اڇون ٿا.

a

اوهانجي حسن جي رياست ۾ آهيان،
مگر پوبہ تنهنجي نگاهن ۾ ناهيان،
مغيريءَ کي مالهي پنهنجي باغ جو ڪر،
رڳو سونهن تنهنجي سنڀالڻ ٿو چاهيان.

a

مٺي عيد ڳڏجي ملهائي تہ وڃ،
قتل شهر دل جو سجائي تہ وڃ،
تڏي هير، مرڪون، بهارون ڪٺي،
نوان رنگ دل ۾ رچائي تہ ڃ.

a

سڄڻ تو سوا عيد ڪهڙي ڪبي،
يتيمن جي خوشين جهڙي ڪبي،
مغيري رڳو اوڇنگارون اسان وٽ،
اکين ۾ هوندا لڙڪ اهڙي ڪبي.





a

حسن جي رياست جي والي تون آهين،
سڪي سونهن ۾ بي مثالي تون آهين،
ڏيان توکي تشبيهہ مان ڪهڙي مغيري،
شفق ۾ گلابن جي لالي تون آهين.

a

پرين تون بنا پردي ايندي نہ ڪر،
۾ وارن کي چوڙي ڇڏيندي نہ ڪر،
ڪجل جي بنا بہ ڳُهين ٿي مغيري،
اکين سان ايڏا گهاوَ ڏيندي نہ ڪر.

a

وٺي اڄ ويا تنهنجا سينگار ڏاڍا،
ڪيا مون بہ دل کولي ديدار ڏاڍا،
مغيري ڪيان تنهنجي تعريف ڪهڙي،
اکين جون ادائون ۽ اسرار ڏاڍا.

a

سڪي سونهن توءِ سين ڪان سوائي،
مليو مٺ نہ تنهنجو ڏٺا مون گهڻا ئي،
مغيري توءِ سونهن چوٽيءَ جي آهي،
تڏهن دل خوشي سان آ توکان ڦرائي.

a

تنهنجي حسن جي يار تجلي آ اهڙي،
جهڙي ٿي وٺي ڇڻ ڪا بجلي آ اهڙي،
مغيري کي مارڻ لاءِ تو آ سينگاري،
بلا شڪ ڦهاري هي ڪجلي آ اهڙي.

a

برساتي بادل جيان، تون دل تي برس پرين،
وسڪاري وانگي اچي، تون مون وٽ ترس پرين،
مغيري جي دل ٿر جو وئي بڻجي پٽ آهي،
اچ پيار ۾ گڏجي پُسون، سرديءَ ۾ سرس پرين.



ڳوڙها ڳوڙها ڳل ❁ چوُسنا ❁ (شاعري)

a

حسن جي رياست جي راڻي تون آهين،
مٺي ماکي، مکڻ جي چاڻي تون آهين،
اوهان ريءَ جيون تي ڇارو چڙهي ويو،
سچي منهنجي قسمت ڪهاڻي تون آهين.

a

جڏهن کان اوهان ساڻ اکيون ٻکيون هن،
تڏهن کان نگاهون اُتي ئي رکيون هن،
سُتي سونهن پنهنجي جي اهڙي پيئاريئي،
مٺايون نہ اهڙيون مغيريءَ چکيون هن.

a

جواني ڇا تہ جواني ٿئي، ملي سُوني نشاني ٿئي،
خدا جي مهرباني ٿئي، ملي سُوني نشاني ٿئي،
مغيري تو جهڙي دنيا ۾، ٿي آهي نہ ڪائي ٿيندي،
حسن بي آسماني ٿئي، ملي سُوني نشاني ٿئي.

a

محبوب منهنجا سائين ڪلي خير حسن جو ڏي،
رب توڪي وڌائيندو چهري جي چمن جو ڏي،
مغيري سان نہ ڪر ماٺا، تي سياٽي سوچ پرين،
اچي "مور" ڪي مرڪي تون ڇوٽڪارو غمن جو ڏي.

a

او ڏار رهڻ واري، توڪي درد جي ڪهڙي خبر،
انڪار ڪرڻ واري، توڪي درد جي ڪهڙي خبر،
اچي "مور" جي دل کي ڏس، دل ذرا ذرا ملندي،
آزار ڏيڻ واري، توڪي درد جي ڪهڙي خبر.

a

دل دلبر دردن سان، تو ڦارون ڦارون ڪئي،
انڪار جي اڏمن سان، تي ڏارون ڏارون وئي،
مٺي "مور" جي منٿ مڃي، تون "مور" سان ملندي ڪر،
ڪو دردن جو مونکي، وچ دارو دارون ڏئي.





a

هٿڙن تي مينديءَ گلڪاري،
ڇو صورت "مور" تو سينگاري،
ڏس ڪنهن جي ڳسجڻ لاءِ ايڏي،
آهي ڦوهه جواني ڦلاري.

a

اکين ۾ رکي خنجر، نيڻن کي ڪٽين ٿي تون،
سيني ۾ سِڏا سهٽي، گهورڻ سان هٽين ٿي تون،
گفتار سان گلڙن کي، نئين رونق ٿي بخشين،
رفتار سان مورن کي بہ واهہ وٽين ٿي تون.

a

تو ڇا تہ ڪيان هن اڄ، سينگار خد اڇاٽي،
هر ديدَ سان دل لٽيئي، دلدار خدا ڇاٽي،
اڄ "مور" صفا سهٽي، دنيا ۾ دنگ آهين،
اٽئي هرٽيءَ ڪان بي وڏ، رفتار خدا ڇاٽي.

a

پائي ٻانهن ۾ واچ پرين، ايئن ٻانهن نہ لوڏيندي ڪر،
هل حبيب هوريان هوريان، نہ دليون ڏوڏيندي ڪر،
تون سونهن جو سج آهين، تنهنجي انگ انگ منجهہ جادو،
ٻلي "مور" سان ماٺا بي ڪر، پر پيار تہ پو ڏيندي ڪر.

a

تنهنجا ڏند پرين، دلبند پرين،
تنهنجا چپڙا چڻ تہ ڪمند پرين،
نشا تنهنجي ڏسڻ سان اهڙا ٿيا،
ڏسان "مور" روئي ٿو رند پرين.

a

او! دل ۾ رهڻ واري، ڪجهہ سوچيندي بي ڪر،
دلين کي لٽڻ واري ڪجهہ سوچيندي بي ڪر.
چو تير، ترارن سان، تو "مور" کي ماري وڌو،
بي ترس ٿيڻ واري، ڪجهہ سوچيندي بي ڪر.





a

محبوب منهنجو انمول آهي،
چوطرف اهو چؤٻول آهي،
هڻ تاڙي "مور" تہ اڏري وڃي،
دلڙيءَ جو اهڙو ڍول آهي.

a

مٺي محفل اڄوڪيءَ مان، ڪمي تنهنجي ڪٽي موٽيس،
اميدون ساريون اُڇلي، غمي تنهنجي ڪٽي موٽيس
اوهان ريءَ "مور" ويراني ڏٺي مون باغ ساري ۾،
مغيري نير هاريندي، نمي تنهنجي ڪٽي موٽيس.

a

حسن تي اوهان کي وڏو ناز آهي،
ٻلي ناز ڪر تون، تنهنجو راز آهي،
اسين تنهنجا ٻانها، تون آقا اسان جو،
اسان وٽ تہ عاجزي ۽ نياز آهي.

a

حسن تي اوهان ڪي جيڏو ناز آهي،
مغيري انهيءَ جو ڪو انداز ناهي،
توکي سونهن تي "مور"جيڏي مڳي آ،
دنيا ۾ ٻيڏو اهڙو آواز ناهي.

a

تون منهنجو مقدر ۾ منهنجوئي نصيب آهين،
توساڻ محبت آ، تون منهنجو حبيب آهين،
وڻ ويڙهيءَ وانگي دل، تو "مور"چڏي ويڙهي،
تون جڙجي جيون ۾ اهڙي وئي عجيب آهين.

a

تون منهنجو مقدر ۾ منهنجوئي نصيب آهين،
تون ڏار ڪٿي آهين، تون ڏاڍي قريب آهين،
تون يادن ۾ بي گڏ، آهين خوابن منجهه بي گڏ،
تون "مور"اڪين، دل جي، ڊُوارن ۾ عجيب آهين.



ڳوڙها ڳوڙها ڳل ❁ چوسِتا ❁ (شاعري)

a

بنا جرم، مجرم، چو معصوم ڪيو ٿئي،
پرين پيار ڪان "مور" محروم ڪيو ٿئي،
عدالت انوکي هي تنهنجي حسن جي،
نہ شاهد، فريادي ڪو معلوم ڪيو ٿئي.

a

اوهانجي حسن جي عدالت اکين تي،
قيامت ڪان اڳ ۾، قيامت اکين تي،
ٻٽيو دل دردن جو مانارو آهي،
سچي سور جي هي سعادت اکين تي.

a

اوهانجي شهر ۾ اسين اوپرا هون،
سين جي نظر ۾ اسين اوپرا هون،
جڏهن ڪان اوهان پنهنجو سايو هٽايو،
تڏهن هن ڪان ئي تر ۾ اسين اوپرا هون.

a

اوهانجي شهر ۾ پرين اوپرو مان،
سوا تو ننڍڙڪو صفا ڇوڪرو مان،
مغيريءَ جي واهر سگهو ڪر سياڻي،
پريل درد جو هان ٻڏيو ٽوڪرو مان.

a

پرين پيار تو ساڻ منهنجو پَڪو آ،
انهيءَ منجهہ تفاوت نہ ڪوئي ٿَڪو آ،
ڪٿي مون ڪان بازيون سيئي وئي آن،
مغيري جون تريون، تنهنجو هر ڇَڪو آ.

a

پرين منهنجي ساري سڃاڻپ تون آهين،
شعوري منهنجي سوچ، سياڻپ تون آهين،
سوا تنهنجي بيمار بيڪار آهيان،
منهنجي هيءَ جواني، ڪُراڙپ تون آهين.





a

زندگي وئي حالتن جي ور چڙهي،
ڪل، خوشي بي خيانتن جي ور چڙهي،
“مور”جي دلڙي ويچاري اوچتو،
چلولاين چاهتن جي ور چڙهي.

a

زندگي وئي حالتن جي ورُ چڙهي،
من مٺان بي مونجهہ جي آ مَرُ چڙهي،
“مور”ويتو ڏينهن جو تارا ڏسي،
“مور”جي دلڙي غميءَ جي گهرُ چڙهي.

a

زندگي وئي حالتن جي ور چڙهي،
برهہ جي بغاوتن جي ور چڙهي،
“مور”جي معصوم ۽ مجبور دل،
اوچتو عداوتن جي ور چڙهي.

a

پرين تنهنجي پناهن ۾ رهڻ جي ڏاڍي خواهش ٿم،
انهن نرمل نگاهن ۾ هجڻ جي ڏاڍي خواهش ٿم،
مغيري کي ستائڻ واري سازش کي ڇڏي ڏي تون،
اوهان جي يار ٻانهن ۾ اچڻ جي يار خواهشم ٿم.

a

حسين جو غم شديد آهي،
حسين اهڙو شهيد آهي،
حسين آهي عظيم اعليٰ،
مري ختم ٿيو يزيد آهي.

a

حسين جو غم شديد آهي،
روز اهو غم جديد آهي،
حسين ميدان ويو ملهائي،
يزيد بڻيو يزيد آهي.





a

حضرت حسين سائين حق جو امام آهي،
دنيا سڄي جو جنهن کي هر دم سلام آهي،
ناني جي دين خاطر قرباني ڪيڏي ڏيئي،
نيزي مٿان پڙهيو جنهن رب جو ڪلام آهي.

a

واهجو ڪربل منجهه هنيو آ، بهادريءَ جو نعرو حسين،
حق جو هوڪو بلند ڪرڻ لاءِ لشڪر ۾ وڏو مارو حسين،
زنده آهي، زنده رهندو، حسين هر دم زنده رهندو،
مغيري شانِ حسين نيارو، يزيد جو منهن ڪارو، حسين.

a

سَرَ ٻه چاڙ پيا هن نِسري،
توکان ڇا لاءِ ويا هون وسري،
"مور"اميدون واري ڇڏيئي،
نير مغيري پيا هن نڪري.

a

ڏٺي ڏينهن تو ڪاڻ ڪيڏا ٿيا هن،
ڪشالا ملڻ لاءِ بي، ڏاڍا ڪيا هن،
نٿي ڪارگر ڪائي ڪوشش مغيري،
هتي ٻپ دلڙي تي نسري ويا هن.

a

ساريون ڪانهہ ۾ نسري ويا سـَرَ،
اجان بي ڪئي تو ايڏي آهي ڍر،
هير ٿڌي بي گهُلي پئي ٿي،
هاڻي تہ "مور"ڏي واپس تون ور.

a

هير گهُلي ٿي ٿڌڙي سائين،
ٿاري وچ تون جندڙي سائين،
مند ملڻ جي واهجي آهي،
بيحد "مور"هي پلڙي سائين.





a

منهنجي دل جي تون باغات پرين،
۽ منهنجي تون ڪائنات پرين،
توکي ناهي مناسب ڍاهي ڇڏڻ،
منهنجي اميد جي محلات پرين.

a

منهنجي دل تنهنجي محلات آهي،
تنهن منجهہ نہ ٻي ڪائي ذات آهي،
اڇي محل مٿي آباد تون ڪر،
وڏي محل تي ٿي محنات آهي.

a

پرين اڄ پُسون پاڻ برسات ۾،
ڪيون پيار ٻئي هاڻ برسات ۾،
مغيري سڄي رات ويٺي ڪٽي،
رڳو "مور"تو ڪاڻ برسات ۾.

a

جڏهن کان اوهان جو ڏيس مان نشانو،
تڏهن کان اکين ۾ تنهنجو آستانو،
انئي پهر تسبي اوهانجي ڏو سوريان،
ملي ويو مغيري حُسن جو خزانو.

a

پرين دل جي جاگير ويران ٿي وئي،
خوابن جي تعبير حيران ٿي وئي،
مغيري جتي گل هيون گلزاريون،
اها ڌرتي اڄ آهي سنسان ٿي وئي.

a

زماني جي گردش جي گهيري ۾ آهيون،
اسان کوهه منجهه يا انڌيري ۾ آهيون،
نه ڪا لاٽ آهي نه ڪائي واٽ آهي،
مگر پيار جي پوءِ به پيري ۾ آهيون.





a

پرين منهنجي تون مجبوري آهين،
منهنجي دل جي خواهش سموري آهين،
هوا، باهه، پاڻي جيئن ماڻهوءَ کي گهرجي،
مغيري منهنجي لاءِ ضروري آهين.

a

هوا، باهه، پاڻي جيئن آهي ضروري،
کپي پيار جي ايئن، اسان کي ڪٿوري،
مغيري اوهان ريءَ جيئڻ آهي مشڪل،
پساهن ۾ پنهنجي ٿيندي هاڻ پوري.

a

چپ جي ڪنڊ ڇَڪي، مونڏي مرڪي تڪي، دل کسي تو وتي،
ساهه ٽڏڙا پري، "مور" بيٺو تڪي، دل کسي تو وتي،
سونهن سينگار سان، مرڪ مهڪار ۾ دل جي اسرار سان،
پير پائڻ ڪڏهن اڄ مغيري پڪي، دل کسي تو وتي.

a

ڏنئي پيار جي واهه جي موٽ اڄ،
ملي توکان چوٽيءَ واري چوٽ اڄ،
توکي "مور"دل جون بهارون ڏنيون،
مگر تو ته دل منجهه ڪيا ڦوٽ اڄ.

a

پرين اڄ برهه جي ڪائون ٻُسري هاڻي،
مکڻ، ماکي ۽ پيار جي مصري هاڻي،
مغيري ويون جا بجا ٽي بهارون،
ويا سنگ سارا آهن نسري هاڻي.

a

پرين منهنجي بهتر تون تقدير آهين،
منهنجي روحي راحت جي تصوير آهين،
مغيري متاثر توکان ئي ٿيو آهي،
مون لاءِ شاهه، سچل ۽ ڪبير آهين.





a

مٿي منهنجي اکين جي خانگاهه آهين،
منهنجي دل جي درشن جي بارگاهه آهين،
مغيري جي جيون جي تون روشني آن،
منهنجي واهه تون، چاهه ۽ ساهه آهين.

a

پرين چنڊ، تارا گواهي به ڏيندا،
سپيئي نظارا گواهي به ڏيندا،
اَٿئي پهر تنهنجي آهي يادگيري،
ٻنيون سارا ٻارا گواهي به ڏيندا.

a

صبح جهڙي سيبتي، صبح وارو سوال ٿئي،
پيار مونکي ٿو کپي، پيار جو هت ڪال ٿئي،
پيار جي اچي پوکَ ڪر، تون پياري پيار سان،
پيار ريءَ وئي زندگي، پوپري پلال ٿئي.

a

پرين منهنجي من ۾ غَمي ويهجي وئي،
غمي بي اچي ڄڻ ڄَمي ويهجي وئي،
رڳو "مور" جهولا ڳُهلن جونِ جا ٽا،
اسان وٽ اوهان جي ڪَمي ويهجي وئي.

a

سکي تنهنجي صورت صفا سونُ آهي،
ڪيو تو اڪين سان منهنجو خونُ آهي،
ٿڏي هيرَ تنهنجي ئي پر ۾ بهارون،
باقي "مور" مون لاءِ جڳ جونُ آهي.

a

اکين ۾ ڪٽي ڳوڙها، توڪاڻ پرين پهتس،
ٿيا خواب اجهو پوڙها، توڪاڻ پرين پهتس،
تون روح جي راحت ۽ صحت، فرحت آهين،
ڏي "مور" نہ تون لوڙها، توڪاڻ پرين پهتس.





a

ڏيئي دلڙيءَ ڪي دردن جو لوڙهو يار ڇڏيئي،
چو "مور" جي جيون ڪي ڪري ڳوڙهو يار ڇڏيئي،
تون منهنجي جواني جو سورج آهين سهڻي،
ڪسي ڪل، خوشيون مون کان ڪري پوڙهو يار ڇڏيئي.

a

اڄ مِلي وئي اوپري، خيرپور جي پوپري،
چا تہ آهي ڇوڪري، خيرپور جي پوپري،
نيڻَ نيڻن سان مِلائي، دل اُمالڪ وئي ڪٽي،
ياد جي ڏئي نوڪري، خيرپور جي پوپري.

a

جڏهن ڪان رکي توسان ياري پرين،
تڏهن ڪان تنهنجو هان خماري پرين،
رڳو تنهنجي يادن سان ڪيڏان پيو،
ويو "مور" ڄڻ ٿي جوئاري پرين.

a

اتر پيو ٿو گهٽو گُهلي، مٿان وري آهي وِلهه پرين،
سورن مون سان اهڙي ڪئي، جيئن ڪندو آ سِلهه پرين،
“مور”منهنجي تون منٿ مڃي، پاري ۾ اچ پيار ڪيون،
اڪيون، اڪين ساڻ جيئن، ٻڻجي وڃن ٻِلهه پرين.

a

سهٽي تنهنجي سورن جو لڳو ساهه کي سُرو
حال اسان جو هجر منجهه ٿي بيحد ويو بُرو
مغيري ڪان منٿن منجهه خوشين سپ ڪسي،
وڇوڙي جو وري هنيئي، جگر منجهه ڇُرو.

a

دلبر تو ڇو دردن جو آهي مُڪو مون ڏي ڏڻ،
دلڙي سان تن اهڙي ڪئي، جيئن واڍو وڍي وڻ،
جدائي ۾ “مور”جگر، جيرا بي هتي جلي ويا،
مغيريءَ سان ماٽا ڇڏي، مغيريءَ جو بڻ.





a

مغيريءَ سان توکي دوري، واجب ناهي پياري،
مغيريءَ ڏي اچڻ جي ڪر، سهٽي سگهو تياري،
مغيريءَ جون ديدون تنهنجي دڳن منجهه آهن،
مغيريءَ جي جيءَ جُهڳي ۾ توئي جاءِ وِلاري.

a

سج لٿي جي سج جي، تون آهين سونهن سڄڻ،
تنهنجي ڪهڙي تعريف ڪيان؟ تون ماڪي ۾ مکڻ،
سکي تنهنجي سونهن جي ٿي هر جاءِ آهي هو هوا،
مغيري تو لاءِ تڪي ٿو اولهه، اوڀر، اتر ۾ ڏکڻ.

a

سج لٿي جي سِج جي تون آهين سونهن سڄي،
چنڊ بي تنهنجي آڏو ايندي، ٿيندو آهي لڄي،
مغيريءَ کي موهي، ڳوهي، مست ملنگ ڪيئي،
“مور”جي من ۾ نينهن نشي جي گهنٽي وئي وڄ.

a

ڇڏي ڪاوڙ ڇوڪري، تون ڪلي اکيون ڪڻ،
مٺي مونکي محبت جا ڏي، مرڪي اچي مَڻ،
مغيريءَ کي پيار سان، پيار ڏي تون پوپري،
غمن وارا "مور"سارا وڃي وڃن وَڻ.

a

جڏهن ڪان پرين توڪان وسري وياسين،
زماني جي نظرن ڪان نڪري وياسين،
لڳي وئي اُلي جڻ اميدن کي آهي،
خزان جي پنن وانگي وکري وياسين.

a

جڏهن ڪان پرين توڪان وسري وياسين،
تڏهن ڪان نندڙڪا صفا جڻ ٿياسين،
مغيري اميدون اُڏي ويون اسانجون،
پريشانين جي چڪر منجهه پياسين.





a

ڪاري وڳي جي پائڻ واري،
توسان منهنجي آهي ياري،
"مور"جي دلڙي تو چو ڏاري،
آهي بڻائي گدري ڦاري.

a

پرين اچ تون انڌاري ۾،
ڪيون پيار ٻئي پاري ۾،
ويهي "مور"سيکيون هٿڙا،
سهڻي سيءَ سياري ۾.

a

راڻي روح رنجائڻ واري،
مرڪن جي ڪا موڪل لاري،
"مور"جي دلڙي تو چو ڏاري،
آهي بڻائي گدري ڦاري.

a

محبوب ادائن سان، محبوب وٽين ٿي تون،
سينگار وري سهٽي، سورهن ئي ڪرين ٿي تون،
سرتاج حسن جي تون رياست جي سچي آهين،
گفتار ۾ ڪوئل کي بي ماري وجهين ٿي تون.

a

وارن جي چڳن سان اچ، سينگار سنواريا ٿئي،
رخسار تي پهري لاءِ، واسينگ ويهاريا ٿئي،
تو جهڙي جنت ۾ بي، ڪا ئي حُور پري ناهي،
کِلي نيڻ نه کڻندي ڪر، سوين سينا ڏاريا ٿئي.

a

تو نيڻ ڪٺا هن نيٽن سان، نيٽن جو تدارڪ ڪير ڪندو
ڪيون ڳوڙهن ڳلن مٿان ڳارون، گلڙن جو تدارڪ ڪير ڪندو
مون “مور”اميدن جا پوکيا، ڪيئي دل جي باغ ۾ گل آهن،
جي دل جو باغ اجاڙيندينءَ، گلڙن جو تدارڪ ڪير ڪندو.





a

ڪُٺو تو اکين ساڻ اهڙو پرين،
ڪڪڙ کي ڏيڻ سِيرَ جهڙو پرين،
سچي رات تڙپان لڇان “مور”تو
ڏيان حال سورن جو ڪهڙو پرين.

a

چا ته آهي خيرپور، واهه آهي خيرپور،
دل جي ڌڙڪن ۾ اسانجو ساهه آهي خيرپور،
ناز نخرا ۾ نِهارون، جا ٿي جنت جون بهارون،
سونهن ۾ چڙ سنڌڙيءَ جو شاهه آهي خيرپور.

a

سنڌي شعبي وارا سائين،
اسڪالر هي سارا سائين،
استادن جي ڳالهه ڪيان ڇا؟
اکين جا جي تارا سائين.

- (ايم فِل (سنڌي) شعبي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور - پاران تاريخ 21_ ڊسمبر 2017ع ڪرايل پروگرام ۾ پڙهيل

a

پرين ڇا لاءِ مرڪن تي ٽانڊا رکيا ٿئي،
سڪي سمجهَہ سوچن تي ٽانڊا رکيا ٿئي،
مغيري منهنجي پيار جو ساڙي پير،
امنگن، اميدن تي ٽانڊا رکيا ٿئي.

a

سرنهن جي پيلي ڦلار جهڙي، بهار ۾ اچ بهار جهڙي،
نهار تنهنجي خمار جهڙي، مٺي تون ماڪيءَ لار جهڙي،
چنبيلي، موتيو گلاب، بلبل، ڪوئل، ڪونج ۽ عقاب جهڙي،
پرين هلي آ، پرين هلي آ، پرين پروڪي پيار جهڙي.

a

پرين پنهنجي دلڙي ڪي ٻاري جيئون ٿا،
تنهنجي درد سان دل ڏتاري جيئون ٿا،
مغيري پيا درد جا دونهان نڪرن،
ايئن "مور"اندر اُٻاري جيئون ٿا.





a

پرين تنهنجي اکين جا اسرار زاري،
انهيءَ ٻي رُخيءَ وارا ديدار زاري،
مغيريءَ جو جيون جهنم بڻايئي،
تنهنجا "مور"انڪار آزار زاري.

a

سَڪي سال ڪانپو تہ ٿهہ "مور"سان،
اچي عيد تي رات رهہ "مور"سان،
ٻنا ديد جي عيد ڪهڙي ڪبي،
پهر پيار پريو ڪو وهہ مور سان.

a

توريءَ سهڻي ساريون عيدون،
گذري ويون چڱ ڏاريون عيدون،
"مور"اکين مان ڳوڙها ڳاڙي،
تنها تنها گهاريون عيدون.

a

وڏيرا اڇي سنڌ ساري گھمي وچ،
سڪل ٿر سمورو ۾ ڪاڇو ڏسي وچ،
اتر لاڙ ۾ ب نہ پاٽي سُجهي ٿو،
وڏيرا هاٽي تون بہ ضد ڪان لهي وچ.

a

ساهہ ۾ سور ويا چنبڙي ايئن،
ماناري منجهہ مکيون جيئن،
سورن ڪار ڪئي اهڙي آهي،
مُج بہ "مور"نہ ڪُٽبو هيئن.

a

قلم جنهين جي هٿ ۾، سي ئي سڀ ڪجهہ ڪن،
راضي رهن جن مٿان، تنهن کي ليڪ ڏين،
ڪاوڙجي ڪنهن کي، هيٺ ڪيرائي ڇڏين،
الله تون انهن، استادن کي آباد ڪر.





a

چو ذلف جي قيد جا ڪيرَ هنيئي، ڪيرَن جو تدارڪ هاٽي ڪر،
وري جيري کي جي جهيرَ ڏنئي، جهيرَن جو تدارڪ هاٽي ڪر،
چو اکين سان منهنجي اکين جي، تو ننڊ کسي زورو آهي،
پيا "مور"نيٽن مان نيرَ وهَن، نيٽن جو تدارڪ هاٽي ڪر.

a

پرين حُسن تنهنجي جي تَجلي آ اهڙي،
جَهتي ٿي وٺي چڙ ڪا بجلي آ اهڙي،
مغيريءَ کي مارڻ لاءِ تو آ سينگاري،
بِلاشڪ قماري هي ڪجلي آ اهڙي.

a

پرين تون پَري يا ڪا حُور آهين،
مِٺي منهنجي اکين جو نُور آهين،
سوا هار سينگار جي بي تون سهڻي،
مغيري سڄي ملڪ منجهہ "مور"آهين.